(۴) جان جي گهر ۾ بجلي بل ۴۶۹ روپيا آيو هن بل ڀرڻ مرڪز وٽ ۵۰۰ روپين جو هڪ نوٽ ڏنو تہ هُن کي گهڻا روپيا واپس ملندا.

(۵) آدرش لئبرري ۾ مراٺي، هندي ۽ انگريزي ٻولين جا ڪل ۸۲۰ ڪتاب آهن اُنهن مان هندي ڪتاب ۲۵۲ ۽ انگريزي ڪتاب ۲۷۹ آهن تہ مراٺي ٻولين جا گهڻا ڪتاب آهن؟

مراٺي ڪتابن جو عدد + هندي ڪتابن جو عدد + انگريزي ڪتابن جو عدد = ڪُل ڪتاب

؟ + ۲۵۲ + ۲۷۹ = ۸۲۰

| س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ٢ | ٥ | ٢ | هندي ڪتاب |
| +٢ | ٧ | ٩ | انگريزي ڪتاب |
| | | | هندي، انگريزي ڪتاب |

| س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ٨ | ٢ | ٠ | ڪل ڪتاب |
| − | | | هندي ۽ انگريزي ڪتاب |
| | | | مراٺي ڪتاب |

آدرش لئبرريءَ ۾ مراٺي ٻوليءَ ۾ .......... ڪتاب آهن.

(٦) ماءُ وٽ ٧٠٠ روپيا هئا هن ٢۴٥ روپين جي ڪنڊ ۽ ١٢٨ روپين جي چانهه پائوڊر خريد ڪيو ته هن وٽ گهڻا روپيا بچندا؟ هيٺ خال پري مشغولي پوري ڪيو.

ڪنڊ لاءِ ☐ روپيا ڏنا.

چانهه پائوڊر لاءِ ☐ روپيا ڏنا.

ڪُل خرچ ☐ آيو.

ماءُ وٽ ☐ روپيا هئا.

ماءُ وٽ ☐ روپيا بچيا.

٢۴٥
+ ١٢٨ ☐
☐

٧٠٠
☐ ☐
☐

(٧) هڪ کير گڏ ڪندڙ مرڪز تي ٦٢۴ ليٽر کير جمع ڪيو ويو. ڪُڙمي پاران اڃان ٣۴٧ ليٽر کير جمع ڪيو ويو. اُن مان ٥١٢ ليٽر کير ناشتو هلائيندڙ ۽ ٣۴٦ ليٽر کير ٻين گراهڪن کي ڏنو ويو ته کير گڏ ڪندڙ مرڪز ۾ ڪيترا ليٽر کير بچيو؟

◉ ڏنل چارٽ موجب ڪت جا ڪنيل مثال تيار ڪري حل ڪريو.

مليل چارٽ : ڪتاب ۾ ڪل صفحا ١٥٠،
پڙهيل صفحا ١٢٦
ڏنل چارٽ مان تيار ڪيل مثال :
ساوليءَ هڪ ڪتاب جي ١٥٠ صفحن مان ١٢٦ صفحا پڙهيا ته پڙهڻ لاءِ گهڻا صفحا بچيا؟

| س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|
| | ۴ | ١٠ | |
| ١ | ~~٥~~ | ~~٠~~ | ڪل صفحا |
| −١ | ٢ | ٦ | پڙهيل صفحا |
| ٠ | ٢ | ۴ | نه پڙهيل صفحا |

◉ ڪتابن جو نماءُ ٧٧٥، اُنهن مان وڪيا ٢٨٣ ڪتاب.

◉ اَنبن جا وڻ ٢١٧، چِڪُن جا وڻ ۴٧٦

ماسترن لاءِ :- شاگردن کان جوڙ ۽ ڪت جي اَيياس لاءِ لفظي مثال تيار ڪري ڪلاس ۾ حل ڪريو.

# عددي چارٽ



سمجهي وٺو.

⊙ ٢٠ تائين عددي چارٽ تيار ڪريو.






ماسترن لاءِ :- ماسترن کي ٢٠ تائين اِها عددي چارٽ تيار ڪرائي ڏين ۽ هرهڪ جو آيپاس ڪرائين. اِهو سمجهايو تہ اِن مان جوڙ ۽ ڪٽ جو آيپاس ٿيندو آهي.

(۳) ويجهي وارو سَوَ لکو.

| عدد | ويجهو سَوَ |
|---|---|
| ۱۷۸ + ۲۴ | ۲۰۰ |
| ۱۳۴ − ۵۶ | |
| ۴۵۷ + ۶۷ | |
| ۸۶۳ − ۱۵۶ | |

(۴) هيٺ ڏنل جوڙين ۾ جنهن جو جواب وڌيڪ اَچي اُن مٿان گول پايو.

| | |
|---|---|
| ۱۴ + ۳۵۲ | ۱۴ − ۳۵۲ |
| ۲۰ + ۴۵۶ | ۵۰ + ۴۳۶ |
| ۲۷ + ۶۵۴ | ۶۷ + ۵۹۸ |
| ۱۲ − ۹۶۷ | ۶۶ + ۸۹۷ |

(۵) ساڳيو جواب هوندڙ جوڙي ڳولهيو.

| | | |
|---|---|---|
| ۲۹۲ + ۲۵۶ | ۲۳۷ − ۸۱۳ | ۱۰۶ + ۴۶۲ |
| ۲۸۹ + ۲۵۹ | ۱۴۳ − ۷۱۹ | ۳۴۸ − ۹۱۶ |

# ٤. اڌپور






## ويچار ڪريو.

(١) پهوءِ هڪ لڏونءَ جا ٻه برابر حصا ڪيا ٻه اَڌ حصا.

(٢) ڦُلڪي جا ٻه برابر حصا ڪرڻ ۽ لڏونءَ جا ٻه برابر حصا ڪرڻ ۾ توهان کي ڪهڙو ڪم سولو لڳو؟ اِهو ڪيئن، ٻڌايو.

اڌ

## سمجهي وٺو.

◉ هڪ گول شڪل ڪاغذ جا ٻه برابر حصا ڪريو.



هڪ گول شڪل ڪاغذ ڪٽو | اُن کي وچ تي موڙيو | موڙ ڪوليو ۽ اُن کي ليڪ تي ڪپيو | ٻه برابر حصا تيار ٿيا اِهو هرهڪ حصو مطلب پوري گول جو اَڌ حصو

## مونکي سمجھ ۾ آيو.

ڪنهن ٻه هڪ شڪل جي، شيءِ جي يا گروپ جي هڪ پوري جا ٻه برابر حصا ڪرڻ مطلب اُن جو هرهڪ حصو اُن شڪل، شيءِ يا گروپن جو اَڌ حصو ٿيندو آهي. اڌ مطلب نيم هوندو آهي.

## اَڀياس

هيٺ ڏنل جنهن شڪل ۾ ليڪ وسيلي ٻه برابر حصا ٿيل هجن، اُن شڪل هيٺيان چوڪندي ۾ ✓ اهڙو نشان ڪريو.



(٢) بچيل اَڌ حصو ڪڍي، شڪل پوري ڪريو.



مشغولي پوري ڪريو.

(١) A کان Z تائين انگريزيءَ وڏن اکرن ۾ ڪھڙن اکرن کي اَسان برابر ٻن حصن ۾ ڪري سگھون ٿا؟

(٢) گول، چورس، ٽڪنڊو اِنھن شڪلين جا ڪاغذ ڪٽي، موڙ وجھي جُدا جُدا طريقن ۾ گھٽن قسمن ۾ ٻہ برابر حصا ڪري سگھجن ٿا، اِھو شخصي ڪريو.

## پاءُ

سمجھي وٺو.

◉ ميگھنا وٽ ھڪ ڦلڪو آھي ھن اُن ڦلڪي جا چار برابر حصا ڪيا.




اَڌ جو اَڌ مطلب پاءُ

ڦلڪي جا چار برابر حصا ڪيا، اُن جو ھرھڪ حصو سڄي جو پاءُ آھي.

مونکي سمجھ ۾ آيو.

ڪنھن شيءِ يا ڪنھن شڪل جا چار برابر حصن ڪرڻ ۾ ھرھڪ حصي کي 'پاءُ' حصو چئبو آھي. ٻن پاءُ وارن حصن کي ملائي اَڌ چئبو آھي.

## اَڀياس

◉ ھيٺ ڏنل شڪلين ۾ پاءُ حصي ۾ رنگ ڀريو.



ماسترن لاءِ :- جُدا جُدا قسمن جا ڪاغذ ڪٽي اُنھن جا چار برابر حصا ڪرڻ جي مشغولي شاگردن کان ڪرايو. شاگردن کي عملي طور آزمودي مان اَڻپور سمجھڻ ۾ موقعو ڏيو.

# مُنو

## سمجهي وٺو.



مانيءَ جو وقت هو

سامهون پورين جو ٿالهه هو.

پِهوءَ کي لڳي بُک گهڻي




چار برابر حصا ڪيائين پوري ڪٽي




پِهوءَ کاڌا ٽي حصا پاءُ

باقي بچيو هڪ حصو پاءُ




## مونکي سمجهه ۾ آيو.

هڪ شيءِ جا يا شڪل جا چار برابر حصا ڪري، اُنهن مان ٽي حصا ڪٽڻ کي 'مُنو' حصو چئبو آهي. اڌ ۾ هڪ پاءُ ملي 'مُنو' حصو ٺاهيندا آهن.

هڪ سڄي مان پاءُ حصو گهٽايو ۾ مُنو حصو ملندو آهي.
ٽي پاءُ حصا ملي تيار ٿيندڙ حصو مطلب مُنو حصو.

◉ رنگيل حصو - پاءُ ڪان سڄو.






| | | | |
|---|---|---|---|
| ١ پاءُ - پاءُ | ٢ پاءُ - اڌ | ٣ پاءُ - مُنو | ٤ پاءُ - هڪ سڄو |

ماسترن لاءِ :- حسابي تصوّر ٽي مدار رکندڙ گانا تيار ڪري، اُنهن جي تال سُر ۾ اَداڪاريءَ سان پيش ڪرايو.

## اَڀياس

**(۱) جنهن شڪل ۾ مُنو حصو رنگيل آهي اُن شڪل هيٺان چوڪنڊي ۾ ✓ نشان ڪريو ٻي حالت ۾ ✗ نشان ڪريو.**



**(۲) هيٺ ڏنل تختو پورو ڪريو.**

| شڪل |  |  |  |  |  |
|---|---|---|---|---|---|
| رنگيل حصو | پاءُ | .... | .... | .... | اَڌ |
| نہ رنگيل حصو | .... | اَڌ | .... | مُنو | .... |

**(۳) شڪل هيٺان ڏنل هدايت موجب رنگ ڀريو.**



منو — پاءُ — نيم — اڌ — ٽي پاءُ

**(۴) اکرن هيٺ ڏنل حصا ڏيکاريل موجب رنگ ليڪ ڪيو. اَکرن جي اُن حصي ۾ رنگ ڀريو.**




نيم — اڌ — مُنو — پاءُ

# ڏنل گروپ جو اڌ، پاءُ، مُنو

## سمجهي وٺو.

◉ هيٺ ڏنل گروپن جو ويچار ڪري هدايت موجب حصو رنگ ڀريو.







(۱) اِن چتر ۾ ڏنل مٽين ۾ اڌ مٽيا ڳاڙهي رنگ ۽ اَڌ مٽيا ڪاري رنگ سان ڀريو.

(۲) چتر ۾ ڦوڪڻن جو پاءُ حصو ڦوڪڻا پيلي رنگ سان ڀريو.

(۳) چتر ۾ ڏنل گوٽين مان مُنو حصو نيري رنگ سان ڀريو.

## اَڀياس

(۱) اينجل ۱ درجن ڪيلا آندا اُنهن مان اڌ درجن ڪيلا ساهيڙيءَ کي ڏنا ته هُن وٽ باقي گهڻا ڪيلا بچيا؟




ڪيترا اُهي لکو.

| | | |
|---|---|---|
| هڪ درجن | = | ۱۲ ڪيلا |
| اَڌ درجن | = | ☐ ڪيلا |
| پاءُ درجن | = | ☐ ڪيلا |
| مُنو درجن | = | ☐ ڪيلا |

(۲) هڪ سال ۾ ۱۲ مهنا هوندا آهن ته اڌ سال ۾ گهٽا مهنا؟ ☐

پاءُ سال ۾ گهٽا مهنا؟ ☐

(۳) حل ڪريو.




ڪيترا اُهي لکو.

| | | |
|---|---|---|
| هڪ ڪلاڪ | = | ٦٠ منٽ |
| اَڌ ڪلاڪ | = | ☐ منٽ |
| پاءُ ڪلاڪ | = | ☐ منٽ |
| مُنو ڪلاڪ | = | ☐ منٽ |

ڪيترا اُهي لکو.

| | | |
|---|---|---|
| ٦٠ جو اَڌ | = | ☐ |
| ٦٠ جو پاءُ | = | ☐ |
| ٦٠ جو مُنو | = | ☐ |

ماسترن لاءِ :- گروپ ۾ ڏنل حصن موجب اڌ، پاءُ، مُنو حصو واريون شيون رنگي، اُنهن مٿان ڳالهه ٻولهه ڪرايو. گروپ جا ٻه هڪ جهڙا حصا ڪري اڌ، ۴ هڪ جهڙا ڪري پاءُ ۽ اڌ ۽ پاءُ ملائي مُنو حصا، اَهڙا جُدا جُدا مثال وسيلي اَڀياس ڪرايو.

(۴) حل ڪريو.

**ڪيترا اُهي لکو.**

۱۰۰ جو اَڌ = ☐

۱۰۰ جو پاءُ = ☐

۱۰۰ جو مُنو = ☐

**جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ۱۲ جو اڌ | ۲۵ |
| ۱۰۰ جو پاءُ | ٦۰ |
| ۸۰ جو مُنو | ٦ |

**خال ڀريو.**

۱۵ منٽ مطلب = ☐ ڪلاڪ

۳ ڪيلا مطلب = ☐ ڊزن ڪيلا

۱۰۰ رنسون مطلب = ☐ سينچري

## اَڌورو ۽ پيٽو



### سمجهي وٺو.



- مون وٽ ۴ گوٽيون آهن.
مون وٽ تنهنجي گوٽين
جو نيم حصو آهي.



- مون وٽ ۸ گوٽيون آهن
مون وٽ تنهنجي گوٽين
جي پيٽ آهي.

۸ گوٽين جا ٻه برابر حصا ڪيا آهن.
پيٽو مطلب عدد کي ۲ سان ضرب.



### مونکي سمجهه ۾ آيو.

- نيم حصو مطلب اڌ هوندو آهي.
- پيٽو مطلب عدد کي ۲ سان ضرب.

## اَڀياس

**(۱) پيٽ ۽ نيم اِهي لفظ اِستعمال ڪري هيٺيان خال ڀريو.**

راجو ۽ مينا نوڙيءَ ٽپا راند کن ٿا راجو ۱۰ ٽپا ڏنا، مينا ۲۰ ٽپا ڏنا.

- ۱۰ ٽپا اهي ۲۰ ٽپن جو ☐ آهي.
- ۲۰ ٽپا اهي ۱۰ ٽپن جو ☐ آهي.

**(۲) هيٺ ڏنل چوکنڊن ۾ مناسب عدد لکو.**

- ٽئين درجي جي هڪ ڪلاس ۾ ۳۰ شاگرد آهن، اُنهن مان اڌ شاگردن ڊوڙ شرط ۾ڀرو ورتو، مطلب ڪيترن ڄڻن ڀرو ورتو؟
☐ شاگرد
- پيءُ ڪڪڙ ۽ چانور آندا ڪڪڙ جي تور چانورن جي تور کان پيٽي آهي. جيڪڏهن چانورن جي تور ۵ ڪلوگرام آهي تہ ڪڪڙ جي تور ڪيتري؟ ☐ ڪلوگرام.
- سچن جي ڏاڏي اڌ ڊزن ڪاپيون آنديون. اُنهن مان اڌ ڪاپيون پيٽ کي ڏنيون ۽ بچيل ڪاپيون سچن کي ڏنيون تہ سچن کي گهٽيون ڪاپيون مليون؟ ☐ ڪاپيون.
- اَجيم وٽ هوندڙ رقم جو پاءُ حصو ۱۰ روپيا آهي تہ هُن وٽ ڪُل گهٽا روپيا؟
☐ روپيا.



## سمجهي وٺو.

| شڪل | حصو | عددن ۾ لکڻ |
|---|---|---|
|  | ۴ سڄا | ۴ |
|  | ۲ سڄا | ۲ |
|  | ۱ سڄو | ۱ |
|  | ۱ سڄي جو اڌ حصو | $\frac{۱}{۲}$ |

**پيءُ :** ميگھنا، اِن تختي ۾ آخر شڪل ۾ ڪيترو حصو آهي؟

**ميگھنا :** اڌ حصو

**پيءُ :** ميگھنا ’اڌ‘ حصو اِهو اڌپور آهي ساڳئي نموني پاءُ ۽ مُنو اِهي بہ اَڌپور آهن.

**ميگھنا :** دادا، اِهو ’اَڌ‘ حصو عددن روپ ۾ ڪيئن لکبو؟ ۽ مان اُن کي ڪيئن پڙهان؟ ٻڌايو ڀلا.

**پيءُ :**

$$\frac{\text{ويچار ۾ ڪنيل (رنگين حصو) (اَنس)}}{\text{هڪ سڄي جا ڪيلُ ڪل برابر (حصا) (ڇيد)}} = \frac{۱}{۲}$$

$\frac{۱}{۲}$ اِهو ’هڪ ياڱي ٻہ‘ يا ’هڪ انس ڇيد ٻہ‘ ائين پڙهبو آهي.

**ميگھنا :** ايترو سولو، مون سمجهو!

**(۱) اڌپور کي عدد روپ ۾ ڪيئن لکبو آهي؟**



$$\frac{\text{رنگيل حصو}}{\text{سڄي جا ڪيل ڪُل برابر حصا}} = \frac{\text{اَنس}}{\text{ڇيد}} = \frac{۴}{۵}$$

$\frac{۴}{۵}$ اِهو ’چار ياڱي پنج‘ ائين پڙهبو آهي.

**(۲) ’پاءُ‘ عدد روپ ۾ ڪيئن لکبو؟**



$$\frac{\text{رنگيل حصو (انس)}}{\text{هڪ سڄي جا ڪيل ڪُل برابر حصا (ڇيد)}} = \frac{۱}{۴}$$

$\frac{۱}{۴}$ اِهو ’هڪ ياڱي چار‘ ائين پڙهبو آهي.

**(۳) ’منو‘ عدد روپ ۾ ڪيئن لکبو؟**



$$\frac{\text{رنگيل حصو (انس)}}{\text{هڪ سڄي جا ڪيل ڪُل برابر حصا (ڇيد)}} = \frac{۳}{۴}$$

$\frac{۳}{۴}$ اِهو ’ٽي ياڱي چار‘ ائين پڙهبو آهي.

**(۴) خالي جڳهہ ڀري اڌپور عدد روپ ۾ لکو.**



$$\frac{\text{رنگيل حصو}}{\text{هڪ سڄي جا ڪيل ڪُل برابر حصا}} = \frac{\text{اَنس}}{\text{ڇيد}} = \frac{\square}{\square}$$

$\frac{۳}{۸}$ اِهو .............. ائين پڙهبو آهي.

## اَڀياس

### (١) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| شڪل | برابر حصا رنگين | ڪيل ڪُل حصا | اَنس | ڇيد | لکڻ | پڙهڻ |
|---|---|---|---|---|---|---|
|  | ٣ | ٤ | ٣ | ٤ | $\frac{٣}{٤}$ | ٽي ڀاڱي چار |
|  | ٢ | ٤ | ٢ | ٤ | $\frac{٢}{٤}$ | ٻه ڀاڱي چار |
|  | □ | ٤ | □ | □ | $\frac{□}{٢}$ | هڪ ڀاڱي ٻه |
|  | ٣ | □ | □ | ٥ | $\frac{٣}{٥}$ | ........اَنس........ |
|  | ٤ | ٦ | □ | □ | $\frac{□}{□}$ | ..................... |
|  | ٢ | □ | □ | □ | $\frac{□}{□}$ | ..................... |

### ◉ (٢) اَنس ۽ ڇيد اُنهن ڪي جاچيو.



١ ڀاڱو = 'ڀاڱو' = $(\frac{١}{٤})$



٢ ڀاڱا = 'اَڌ' = $(\frac{٢}{٤})$



٣ ڀاڱا = 'مُنو' = $(\frac{٣}{٤})$



٤ ڀاڱا = 'سڄو' = $(\frac{٤}{٤})$



### مون کي سمجهه ۾ آيو.

◉ اَڌ، ڀاڱو، مُنو اِنهن ٽنهي اَڳپورن ۾ ڇيد جي ڀيٽ ۾ اَنس ننڍو آهي.

◉ انس ۽ ڇيد جيڪڏهن برابر هُجن ته هڪ سڄو هوندو آهي.

# ايڪو 'اَڻپور انگ'



## سمجهي وٺو.




چار برابر حصا ڪيا — چار پاڱا حصا ٿيا — هرهڪ حصو $\frac{١}{٤}$ آهي.

هتي $\frac{١}{٤}$ اِهو اڻپور چار دفعا ڪٺا تہ هڪ سڄو ٿيندو.

مطلب اِن سڄي بابت $\frac{١}{٤}$ اِهو ايڪو اڻپور انگ آهي.



هتي گُل ۵ پنکڙين مان ٢ پنکڙيون رنگيل آهن هتي رنگيل حصو $\frac{٢}{۵}$ اِهو اڻپور ڏيکارجي ٿو.

هڪ سڄي جا ۵ برابر حصا ڪيا، اُن ۾ هرهڪ حصو $\frac{١}{۵}$ آهي. $\frac{١}{۵}$ هتي اِن کي ايڪو اڻپور انگ چئبو $\frac{٢}{۵}$ پڙهو مطلب $\frac{١}{۵}$ اِهو ايڪو اڻپور انگ ٢ دفعا ڪنيل آهن.

# اِنهن کان وڌيڪ ۽ ڇيد کان وڌيڪ اڻپور



## ڳالهہ ٻولهہ ڪريو.

- اڻپور ۾ ڇيد اِهو انس پيٽ ۾ وڏو آهي ڇا؟
- انس ڇيد جو ٻيڻو هجي تہ اُهو اڻپور هوندو يا سڄو هوندو؟

هڪ سڄو  جو  اِهو پاڱا حصو اُهي اَهڙو پاڱا حصو ڪيترائي دفعا ڪنيل آهي، اُن کي جاچيو.






**ماسترن لاءِ :-** ڇنڙ، ٻنديون، ليڪون، شيون اِنهن وغيره جا گروپ اِستعمال ڪري اڌ، پاءُ، مُنو سان واسطو رکندڙ مثال حل ڪرڻ لاءِ شاگردن کي موقعو ڏيو. اڌ، پاءُ، مُنو، اڌورو، ٻيڻو اِن بابت روز مرهہ جا مثال پاڻ تيار ڪرڻ لاءِ شاگردن کي موقعو ڏيو. ضرورت پوڻ تي دوستن، مائٽن جي مدد وٺڻ لاءِ چئو.



## مونکي سمجھ ۾ آيو.

اَسان ڪو بہ ايڪو اڻپور انگ ڪيترائي دفعا ڪٽي سگھون ٿا. جئن ٣ دفعا $\frac{١}{۴}$ معنيٰ $\frac{٣}{۴}$، ٧ دفعا $\frac{١}{۴}$ معنيٰ $\frac{٧}{۴}$

- $\frac{١}{۴}$، $\frac{٢}{۴}$، $\frac{٣}{۴}$ اِنهن ۾ انس جي پيٽ ۾ ڇيد وڏو آهي. اِن ڪري اِهي وڏي ڇيد وارا اڻپور آهن.
- $\frac{۵}{۴}$، $\frac{٦}{۴}$، $\frac{٧}{۴}$ اِنهن ۾ ڇيدن جي پيٽ ۾ اَنس وڏو آهي. اِن ڪري اِهي وڏي ڇيد وارا اڻپور آهن.

جن اڻپورن ۾ انسن جي پيٽ ۾ ڇيد وڏو آهي تہ اُهي اڻپور 'وڏي ڇيد وارا اڻپور' هوندا آهن. $\frac{١}{٢}$، $\frac{١}{۴}$، $\frac{٣}{۴}$، $\frac{۵}{٩}$، $\frac{١١}{١۴}$ ..........

جن اڻپورن ۾ ڇيدن جي پيٽ ۾ انسن وڏو آهي تہ اُهي اڻپور 'وڏي اَنس وارا اڻپور' هوندا آهن. $\frac{۵}{۴}$، $\frac{٧}{٢}$، $\frac{٦}{۵}$، $\frac{١٣}{٩}$، $\frac{١٩}{١١}$ ........

## اَڀياس

(١) هيٺ ڏنل اڻپورن کي وڏي انسن وارا اڻپورن ۽ وڏي ڇيدن وارا اڻپورن ۾ ورهايو.

$\frac{٣}{۵}$، $\frac{٢}{٦}$، $\frac{٦}{۵}$، $\frac{٣}{٨}$، $\frac{۵}{۴}$، $\frac{٧}{٩}$، $\frac{۴}{٣}$

| | |
|---|---|
| وڏي اَنس وارا اَڻپور | |

| | |
|---|---|
| وڏي ڇيد وارا اَڻپور | |

(٢) ڇيد ڏسي اَنس واري جڳھ تي اَهڙو عدد لکو جئن اڻپور وڏي انس وارو اڻپور بڻجي.

$\frac{\square}{۴}$، $\frac{\square}{۵}$، $\frac{\square}{٣}$، $\frac{\square}{٧}$، $\frac{\square}{٢}$، $\frac{\square}{۴}$

(٣) اَنس ڏسي ڇيدن واري جڳھ تي اَهڙو عدد لکو جئن اڻپور وڏي ڇيد وارو اڻپور بڻجي.

$\frac{١}{\square}$، $\frac{۴}{\square}$، $\frac{٢}{\square}$، $\frac{۵}{\square}$، $\frac{٣}{\square}$، $\frac{٦}{\square}$

(۴) وڏي اَنس وارو اڻپور تيار ڪرڻ لاءِ خالي چوڪنڊن ۾ مناسب عدد لکو.

$\frac{\square}{١٧}$، $\frac{٣٧}{\square}$، $\frac{۵٩}{\square}$، $\frac{٣}{\square}$، $\frac{\square}{\square}$

ماسترن لاءِ :- حسابي پيٽي جي سامگريءَ جي آڌار تي وڏي انس وارا ۽ وڏي ڇيد وارا اڻپور تيار ڪرڻ جو اَڀياس ڪرايو.

# ۵ ڊيگهه ۽ وزن

## ڊيگهه ماپيو

چرچا ڪريو.

⦿ هيٺ ڏنل چِتر ڏسو ۽ سوالن تي پنهنجن دوستن سان ڳالهه - ٻولهه ڪريو.



(١) شيام دريءَ جي پاسي جي ڊيگهه ڪنهن جي مدد سان ماپي ٿو؟
(٢) انوج ۽ رينا ميز جي ڊيگهه ماپڻ لاءِ ڪنهن جو اِستعمال ڪن ٿا؟
(٣) انوج ۽ رينا ٻنهي جي ماپيل ميز جي ڊيگهه ساڳي آهي ڇا؟ جيڪڏهن نہ تہ ائين ڇو؟
(۴) تنوشري دروازي جي ڊيگهه ڪيئن ماپي ٿي؟
(۵) آرنوَ بورڊ جي ڊيگهه ڪيئن ماپي ٿو؟
(٦) گرانٽ، پير، هٿ، پينسل، لڪڙي، نوڙي، ماپ ٽيپ اِنهن مان ڪنهن ڊيگهه ماپي ۽ ڪنهن ڪنهن جي ڊيگهه ساڳئي آئي؟

ماسترن لاءِ :- گرانٽ، پينسل، نوڙي، هٿ، پير اِنهن جهڙا جُدا جُدا غير درجي وارا ساڌن اِستعمال ڪري ڊيگهه ماپڻ جي مشغولي شاگردن کان ڪرايو. غير معياري ايڪن مان معياري ايڪن ڏانهن آڻڻ جي ڪوشش ڪريو.

## ⦿ ميٽر پٽيءَ سان ماپڻ

ڪپڙو ماپڻ لاءِ، دوڪاندار هميشه ميٽرپٽي اِستعمال ڪندو آهي. اِن ڪري هڪ ڪپڙي جي ڊيگهه ڪير به ماپي ته اُها ساڳي ايندي آهي. اَسان کي ٣ ميٽر ڪپڙو گهرجي ته ڪهڙي دوڪان تان خريد ڪنداسين ته اُها ڊيگهه ٣ ميٽر ئي رهندو.




ميٽر پٽيءَ جي ڊيگهه هڪ ميٽر هوندي آهي. ميٽر اِهو ڊيگهه ماپڻ جو پرماڻ ايڪو آهي. هڪ ميٽر کان گهٽ - ڊيگهه هوندي ته اُن جو ايڪو سينٽي ميٽر ڪٽي ماپبو آهي.

١ ميٽر ۾ ١٠٠ ساڳيا حصا، هرهڪ حصو هڪ سينٽي ميٽر ڊيگهه ماپيو.

١ ميٽر = ١٠٠ سينٽي ميٽر

مشغولي پوري ڪريو.

اَسان هڪ ميٽر جي نوڙي ناهيون ٿا.






ماسترن لاءِ :- شاگردن کان ١ ميٽر نوڙي تيار ڪرائي وٺو. نوڙيءَ جي مدد سان جُدا جُدا شين جي ڊيگهه ميٽر ۽ ميٽر کان گهٽ ڊيگهه واريون شيون سينٽي ميٽر وسيلي ڪيئن ماپجي، اِن جو شاگردن کي اَڀياس ڪرايو.

⦿ توهان جي تيار ڪيل نوڙيءَ سان شين جي ڊيگهہ ماپي هيٺ ڏنل تختو پورو ڪريو.

| شيءِ | اندازي ڊيگهہ ميٽر کان گهٽ/وڌيڪ/ساڳي | ڪاڻ ماپي خاطري ڪيو |
|---|---|---|
| ٽيبل | ........................ | ........................ |
| دري | ........................ | ........................ |
| ڪرسي | ........................ | ........................ |

## هڪ ميٽر جو پاءُ، اَڌ، مُنو حصو



سمجهي وٺو.



اِها هي ميٽر ڊيگهہ جي نوڙي آهي.



ٻئي ڇيرا ملائڻ سان هاڻي اڌ ميٽر ڊيگهہ جي نوڙي تيار ٿي.



اڌ ميٽر ڊيگهہ واري نوڙي جا ٻئي ڇيرا ملائڻ سان پاءُ ميٽر جي نوڙي تيار ٿي پاءُ ميٽر تي نشان ڪري.



نوڙي وري سڌي ڪئي تہ اُن مٿان ٣ نشان نظر اَچن ٿا.



ڪري ڏسو.

(ا) هڪ ميٽر، اڌ ميٽر ۽ پاءُ ميٽر اهڙا نشان ڪيل نوڙي واپرائي جُدا جُدا شين جي ڊيگهہ پاءُ، اڌ ۽ هڪ ميٽر جي ڀيٽ ۾ گهٽ اُهي يا وڌيڪ آهي، اُهو ڏيو. مناسب چوڪنڊي ۾☑ نشاني ڪريو.

| شيءِ جي نالو | پاءُ ميٽر کان | | اَڌ ميٽر کان | | هڪ ميٽر کان | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | گهٽ | وڌيڪ | گهٽ | وڌيڪ | گهٽ | وڌيڪ |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |



ماسترن لاءِ :- هڪ ميٽر ڊيگهہ جي نوڙي ڪٽو، اُها آڏي، اُڀي، تيزي ڪري، اُن جي ڊيگهہ ماپيو. هڪ ميٽر ڊيگهہ نوڙيءَ برابر ڊيگهہ جا ٻہ برابر حصا ڪريو. اُن برابر ٻن حصن جا اَڃا ٻہ برابر حصا ڪريو. تيار ٿيل چار ئي حصا هڪ ٻئي سان جوڙي اُنهن جي ڊيگهہ ماپيو.

## مفاصلو ماپڻ



ٻن وڻن جي ٿُڙن وچ ۾ مفاصلو ميٽر نوڙيءَ جي مدد سان ماپڻ تي اُهو مفاصلو (ڊيگهه) ۵ ميٽرن کان وڌيڪ آهي. هاڻي اُهو مفاصلو ميٽرپٽيءَ جي مدد ساڻ ميٽر ۽ سينٽي ميٽر اِنهن ۾ ماپيون. ٻنهي وڻن وچ ۾ مفاصلو ۵ ميٽرن کان وڌيڪ آهي. اُهي ٻچيل حصو ماپ- پٽيءَ جي مدد سان ماپيون. ٻنهي وڻن وچ ۾ مفاصلو ۵ ميٽر ۽ ۴۰ سينٽي ميٽر آهي. گهٽ مفاصلي لاءِ ماپ پٽي ڪم آڻبي آهي. وڌيڪ ڊيگهه ماپڻ لاءِ ميٽر ۽ گهٽ ڊيگهه ماپڻ لاءِ سينٽي ميٽر اِهي ايڪا ڪم آڻبا آهن.

### مشغولي پوري ڪريو.

(۱) هينيان مفاصلا / ڊيگهه سينٽي ميٽر ۾ ماپبا يا ميٽر ۾، اُهو لکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| پينسل جي ڊيگهه | | ڪاپيءَ جي ڊيگهه | |
| ٻن گهرن وچ ۾ مفاصلو | | گهر کان اِسڪول تائين مفاصلو. | |
| رستي جي ويڪر | | ڪلاس کان ميدان تائين مفاصلو | |

(۲) ميدان - کُليل جاءِ تي وڃي هڪ مقرر جاءِ کان هڪ رنگ پري ڦٽي ڪريو اِها رنگ ڪيترو پري آهي، اِهو مفاصلو ميٽرپٽيءَ جي مدد سان ماپيو.

(۳) ڪلاس جو دروازو ۽ بورڊ وچ ۾ مفاصلو ميٽر پٽيءَ وسيلي ماپيو.

(۴) ڪلاس جي ڊيگهه ميٽرپٽيءَ وسيلي ماپيو.



## وزن ماپڻ

◉ ڳورو يا هلڪو

ياونا هڪ هٿ ۾ درسي ڪتاب ۽ ٻئي هٿ ۾ پين کنئي آهي.

ياونا جي هٿ ۾ ڳوري شيءِ مٿان ✓ نشاني ڪريو.

⦿ هيٺ ڏنل مُدن حوالي توهان جو رايو ۽ توهان جي دوست جو رايو. مناسب لفظن مٿان ◯ ڪريو.

| پيٽ ڪرڻ واريون شيون | منهنجو آزمودو | منهنجي دوست جو آزمودو |
|---|---|---|
|  | ڪمپاس پٽيءَ کان کائڻ جو ڊبو ڳورو/هلڪو آهي. | ڪمپاس پٽيءَ کان کائڻ جو ڊبو ڳورو/هلڪو آهي. |
|  | کائڻ جو ڊبو اِهو ٿيلهي پيٽ ۾ ڳورو/هلڪو آهي. | کائڻ جو ڊبو اِهو ٿيلهي پيٽ ۾ ڳورو/هلڪو آهي. |
|  | ڪرڪيٽ بئٽ، ڪرڪيٽ بال کان ڳورو/هلڪو آهي. | ڪرڪيٽ بئٽ، ڪرڪيٽ بال کان ڳورو/هلڪو آهي. |
|  | بئٽ جي پيٽ ۾ ڪاپي ڳوري / هلڪي آهي. | بئٽ جي پيٽ ۾ ڪاپي ڳوري / هلڪي آهي. |

## ڪري ڏسو.



⦿ ڪاپيءَ جو وزن لهو.

(۱) هرهڪ ۱۵ کان ۲۰ هڪ جهڙي شڪل واريون گوٽيون کڻو.

(۲) تارازيءَ جي هڪ پُر ۾ ڪاپي رکو ۽ ٻئي پُر ۾ گوٽيون وجهندا وڃو جيستائين ٻئي پُر برابر سنوت ۾ اَچن.

(۳) اُن ڪاپيءَ جو وزن ڪرڻ لاءِ گهٽيون گوٽيون لڳيون؟ اِهو درج ڪريو.

⦿ هيٺ ڏنل تختو پورو ڪريو.

| دوست جو نالو | هڪ ڪاپيءَ جو وزن ڪرڻ لاءِ ڪم آندل گوٽيون. |
|---|---|
| اَنوجا | ۱۵ گوٽيون. |
| مينا | ۲۰ گوٽيون. |
| ......... | ☐ گوٽيون. |

## ڳالهه ٻولهه ڪريو.

⦿ اَنوجا جو ڪيل وزن ۱۵ گوٽيون ۽ مينا جو ڪيل وزن ۲۰ گوٽيون آهي. ائين ڪيئن ٿيو؟

⦿ ڪاپيءَ جو وزن ڪرڻ لاءِ اِستعمال ڪيل گوٽين جو عدد اِهو گوٽين جي آڪار، گوٽيون ڪنهن مان ٺهيل آهن (شيشو، شيهو وغيره) اِنهن مُدن تي چرچا ڪريو.

⦿ انوجا جي ڪاپيءَ جو وزن ڪرڻ لاءِ اِستعمال ڪيل گوٽي، ڇا ٻئي ڪنهن اِستعمال ڪري ڪاپيءَ جو وزن لڌو. وزن ۾ فرق آيو ڇا؟

ماسترن لاءِ :- شاگردن جو اِهو سمجهڻ ضروري آهي ته ڳوري شين جي وزن ڪري، اِهي هيٺ طرف ويندي آهي. شاگردن کان تارازي تيار ڪرايو. تارازي اِستعمال ڪري جُدا جُدا شين جو وزن لهڻ جو آزمودو ڏيو ۽ اَپياس ڪرايو.

هڪ شيءِ جو وزن هڪ ئي ماپي جي مدد سان ڪير بہ ڪندو تہ وزن ساڳيو ئي ايندو. وزن لهڻ لاءِ پرماڻت ايڪا ۽ پرماڻت ماپا هوندا آهن.

ڪلوگرام اِهو وزن ماپڻ جو پرماڻت ايڪو آهي.

**هڪ ڪلوگرام = ١٠٠٠ گرام**

## وزن ماپڻ جا جُدا جُدا ساڌن





وزن ماپڻ جا ساڌن توهان
پھرين ڪٿي ڪٿي ڏٺا آهن؟




روز مرهہ وهنوار ۾ شين جو وزن ماپڻ لاءِ اِهي ماپا اِستعمال ڪيا ويندا آهن.

چتر جاچيو.




ماسترن لاءِ :- تارازي ۾ ١ ڪلو لوڻ پئڪٽ واپرائي ٻارن کي ١ ڪلو، اڌ ڪلو، پاءُ ڪلو عملي طور آزمودو ڏياريو.

## مشغولي پوري ڪريو.

(۱) توهان مائٽن جي مدد سان اَهڙيون شيون ڪٺو جن جو وزن ۱ ڪلوگرام هجي ۽ پاڻ هٿ ۾ کڻي آزمودو وٺو. ۱ ڪلوگرام وزن کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جي وزن جو اندازو لڳايو.

(۲) روزمره اِستعمال ٿيندڙ جن شين مٿان وزن ۱ ڪلوگرام لکيل آهي، اَهڙن شين جو نالو لکو.

...................... ...................... ...................... ......................
...................... ...................... ...................... ......................

پُراڻي زماني ۾ وزن ماپڻ لاءِ مڻ، تولو، ڳُنج، سير اَهڙا ايڪا اِستعمال ڪيا ويندا هئا.

## اَڀياس

(۱) ڏنل شين جو وزن ۱ ڪلوگرام کان گهٽ آهي يا وڌيڪ، ڏسو، اندازو لڳايو ۽ پاڻ ماپي ڏسو. هيٺ ڏنل تختي ۾ مناسب جاين تي ✓ نشان ڪريو.

| | پاڻيءَ سان ڀريل بالٽي | ڪتاب | ٻُڪ ڀر چانور | فوٽ بال |
|---|---|---|---|---|
| شيءِ |  |  |  |  |
| اندازي ۱ ڪلو گرام کان گهٽ / وڌيڪ | | | | |
| پاڻ ماپي ۱ ڪلو گرام کان گهٽ / وڌيڪ | | | | |

(۲) هيٺ ڏنل تارازي ڏسو ۽ اُنهن هيٺان ڏنل مناسب لفظ مٿان گول پايو.



◉ دالين جي هڪ پئڪيٽ جو وزن ۱ ڪلو / ۳ ڪلو آهي.



◉ دالين جي پئڪيٽ جو وزن ۱ ڪلو / ۳ ڪلو / پاءُ ڪلو آهي.

# ٦ چاڙ جو بندوبست



**مشغولي پوري ڪريو.**

آنند ميلا لاءِ ٻار جُدا جُدا رنگن جا ڪپڙا پائي اِسڪول ۾ آيا هئا اُن وقت ٻارن جي ڪپڙن جي رنگن بابت منيشا، نيرج ۽ سلما اِنهن درج ڪيو.




(ا) منيشا، سلما ۽ نيرج جي گڏ ڪيل چاڙ جي ورهاست ڪري تختي ۾ نشانيون ڪم آنديون آهن اُهي نشانيون ڳڻي ٻارن جو عدد لکو.

<table>
<tr><th>ڪپڙن جو رنگ</th><th>ڳاڙهو</th><th>سائو</th><th>پيلو</th><th>نيرو</th><th>ڪُل شاگرد</th></tr>
<tr><td>ليڪا نشان</td><td>||||| |</td><td>||||| |||</td><td>||||</td><td>||||| |||||</td><td></td></tr>
<tr><td>شاگردن جو عدد</td><td>٦</td><td>.........</td><td>.........</td><td>.........</td><td>.........</td></tr>
</table>

منيشا : ڪل ٢٨ شاگردن آهن. اُن ۾ نيري رنگ ڪپڙي وارن شاگردن جو عدد سڀني کان وڌيڪ آهي مطلب ١٠ آهي.

سلما : پيلي رنگ ڪپڙي وارن شاگردن جو عدد سڀني کان گهٽ آهي مطلب ۴ آهي.

منيشا : سائي رنگ ڪپڙي وارن شاگردن جو عدد ڳاڙهي رنگ ڪپڙي واري شاگردن جي عدد کان ٢ وڌيڪ آهي.

ماستر : تون اِن چاڙ کي ڪيئن گڏ ڪيو آهي؟

سلما : اَسان ٢٨ شاگردن جي ڪپڙن جو رنگ جاچيو ۽ اِهو تختو تيار ڪيو آهي. هڪ ٻار لاءِ هڪ اُڀي ليڪ اِستعمال ڪئي آهي.

نيرج : ها، اِهي ليڪون ڳڻي، اُن کي عدد روپ ۾ لکبو.

ماستر : اِنهن ليڪن کي ليڪا نشان چئبو آهي.

اِسڪول جي شاگردن لاءِ، هڪ ڪينٽر دورو بندوبست ڪيو ويو. اِهو مقرر ڪيو ويو تہ هرهڪ شاگرد اِن دوري لاءِ پنهنجي ٽفن باڪس ۾ پنهنجي پسند جو هڪ ميوو آڻي.



(١) مٿي ڏنل چٽر کي جاچيو. اُن ۾ ڏيکاريل چارٽ تي چرچا ڪريو تختي تي هن سوالن جا جواب لکو.

| ميون جا نالا | چڪون | زيتون | ڪيلا | نارنگي |
|---|---|---|---|---|
| پسند موجب ميوو کڻي ايندڙ شاگردن جو عدد | ٥ | ٢ | ٣ | ٤ |

- ايراضي - دوري لاءِ گهڻا ٻار آيا آهن؟ ☐
- چڪون کڻي ايندڙ ٻار جو عدد؟ ☐
- سيني کان گهٽ ٻارن جو آندل ميوو؟ ....................
- سيني کان گهٽ ٻارن پاران آندل ميوو؟ ☐

(٢) خالي جاين ۾ وڌيڪ/ گهٽ / برابر اِنهن مان مناسب لفظ لکو.

- چڪون آڻيندڙ ٻارن جي ڀيٽ ۾، زيتون آڻيندڙ ٻارن جو عدد ....................
- ڪيلا آڻيندڙ ٻارن جي ڀيٽ ۾، چڪون آڻيندڙ ٻارن جو عدد ....................
- زيتون آڻيندڙ ٻارن جي ڀيٽ ۾، نارنگي آڻيندڙ ٻارن جو عدد ....................

ماسترن لاءِ :- گڏ ڪيل چارٽ جي ورهاست ڪرڻ وقت يا اِستعمال ڪيل ليڪن کي 'ليڪا نشان' چئبو آهي ليڪون ڪڍڻ وقت هرهڪ ٥ ليڪن کانپوءِ ٿوري ڏيگهہ ڇڏڻي آهي، اِهو ٻڌايو ليڪا نشان جو خيال پراڇين وقت ۾ حساب ۾ ڪيئن آيو، آڪاٽي روپ ۾ ٻڌايو.

## اَڀياس

(١) چٽر مان تيار ٿيل تختو جاچيو ۽ سوالن جا جواب لکو.




| هڪ ڪلاس جي شاگردن جو اِسڪول وڃڻ لاءِ اِستعمال ٿيندڙ ساڌن | شاگردن جو عدد |
|---|---|
|  | ٦ |
|  | ١٥ |
|  | ٥ |
|  | ٢ |
|  | ٤ |

- سيني کان وڌيڪ شاگرد ............. ۾ اَچن ٿا.
- سيني کان گهٽ شاگرد ............. ۾ اَچن ٿا.
- اِسڪول بس ۾ ويندڙ شاگردن جو عدد، رڪشا ۾ ايندڙ شاگردن جي عدد جي ڀيٽ ۾ ............. آهي.
- سائيڪل تي ايندڙ شاگردن جو عدد، پنڌ ايندڙ شاگردن جي عدد ڀيٽ ۾ ............. آهي.
- سائيڪل تي ايندڙ شاگردن جو عدد ............. ۾ ايندڙ شاگردن جي عدد کان گهٽ آهي.
- جلائو پدارٿ اِستعمال نہ ڪندڙ اِسڪول ايندڙ شاگردن جو عدد ............. آهي.

ماسترن لاءِ :- چٽر جاچي، اُن تي مدار رکندڙ تختو اِنهن وچ ۾ لاڳاپي تي ڳالهہ-ٻولهہ ڪرايو.

(٢) اِنٽر اِسڪولي راندين جي چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀرو ونندڙ ٻارن جي چاٽ ڏيڪاريل تختو احمد هيٺئين ريت تيار ڪيو آهي. اُن تي سوالن جا جواب لکو.

| شاگردن جو عدد | راند ۾ ڀرو ونندڙ شاگرد | راند جو قسم |
|---|---|---|
| ٤ |  | ڊگھو ٽپو |
| ٦ |  | ڊوڙڻ |
| ٣ |  | نوڙيءَ تي ٽپا |
| ٥ |  | اوچو ٽپو |

- ڪهڙي راند ۾ سڀني کان وڌيڪ شاگردن ڀرو ورتو؟ ...............
- ڊگھو ٽپو ۽ اوچو ٽپو اِنهن راندين ۾ ڀرو ونندڙ ڪُل شاگرد؟ ...............
- نوڙيءَ تي ٽپا راند گھٽ ٻارن ڀرو ورتو؟ ...............
- ڪُل گھٽ ٻارن راندين ۾ ڀرو ورتو؟ ...............

(٣) توهان جي اِسڪول ۾ سانسڪرتڪ پروگرام ۾ جُدا جُدا فن ۾ ڀرو ونندڙ ٻارن جي چاٽ ڏنل آهي. اُن تي آڌار هي تختو پورو ڪريو ۽ سوالن جا جواب لکو.

| شاگردن جو عدد | ڀرو ونندڙ شاگرد | فن جو قسم |
|---|---|---|
| ............... |  | نِرتيہ |
| ............... |  | ناٽڪ |
| ............... |  | سنگيت |
| ............... |  | ڳائڻ |
| ............... |  | ويش-ڀوشا |

- سانسڪرتڪ پروگرام ۾ گھٽا فن جا قسم ڏنل آهن؟ ☐
- ڳائڻ اِن فن ۾ گھٽن شاگردن ڀرو ورتو؟ ☐
- ڪهڙي فن ۾ سڀني کان وڌيڪ شاگردن ڀرو ورتو؟ ☐
- ڪهڙي فن ۾ سڀني کان گھٽ شاگردن ڀرو ورتو؟ ☐



ماسترن لاءِ :- ڪلاس ۾ گھٽا شاگرد ڪهڙي ڪهڙي واهڻ ۾ اِسڪول ايندا آهن، اِها چاٽ تختي ۾ ليڪا نشان ڪم آڻي تيار ڪريو ۽ اُن متان ڳالهہ ٻولهہ ڪرايو.

**(۴) اِسڪول جي سهڪار ڀنڊار مان هڪ ڏينهن وڪيل سامگريءَ جي چاڙ هيٺ تختي ۾ ڏنل آهي.**

| شيءِ جو نالو | وڪيل سامگري |
| --- | --- |
| ڪاپيون |  |
| پين |  |
| پينسل |  |
| ڪمپاس پيٽي |  |

**متي ڏنل تختي آڌار تي سوال تيار ڪريو.**

**جئن : سهڪار ڀنڊار مان سڀني کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ جو وڪرو ٿيو؟**

- ------------------------------------------------------------------------
- ------------------------------------------------------------------------
- ------------------------------------------------------------------------

**(۵) هيٺ ڏنل چتر جاچيو اِن مان ڪهڙي چاڙ جو بندوبست ڪيل آهي اُهو لکو.**




ماسترن لاءِ :- چاڙ پيش ڪرڻ لاءِ نشانيون - چتر، ليکا نشان جو اِستعمال ڪيئن ڪرڻ گهرجي، اِهو مثالن سان سمجهايو. اُن لاءِ چتر تختا، اَخبارن ۾ چتر روپي چاڙ جاچي. اندازو ڪيڻ، ڀيٽ ڪرڻ، نتيجو ڪيڻ اِهو سمجهايو. اِن ڪانسواءِ ، چاڙ جو بندوبست ڪيئن ڪبو آهي، اِهو چٽي طرح سمجهايو.

# نظري - نقشو

سمجهي وٺو.

## جڳهه ۽ حالتون

⊙ ڪٻٽ جاچيو ۽ جواب لکو.



- ڪٻٽ جي مٿئين خاني جهاز جي ڪاٻي پاسي گهڙيال آهي.
- ڪٻٽ جي وچ واري خاني ۾ جهاز ۽ موٽر وچ ۾ ............... آهي.
- ڪٻٽ جي ........... خاني ۾ جهاز آهي، اِهو موٽر جي ............ پاسي آهي.
- ڪٻٽ ۾ موٽر جي بلڪل مٿان ........... آهي.
- جهاز جي ساڄي پاسي ............ آهي.




## نظارو : سامهون، مٿي، پاسي ۾

ڪُرسيءَ جا جُدا جُدا نظارا هيٺ ڏنل آهن.



ڪُرسيءَ جي سامهون نظارو



ڪُرسيءَ جي مٿان نظارو



ڪُرسيءَ جي پاسي نظارو

**شين جي مٿان نظارو، پاسي نظارو، سامهون نظارو اَهڙا جُدا جُدا نظارا هوندا آهن.**

ماسترن لاءِ :- اِسڪول ۾ لڪ ڇپ جي راند ڪرايو. اُن جي جاچ، نيم ۽ نظارن جي مُدن بابت شاگردن ۾ چرچا ڪرايو. ساڳئي نموني مٿي-هيٺ، ساڄو-ڪاٻو، ويجهو-پري وغيره جڳهه سان واسطو رکندڙن تي چرچا ڪرايو. آس پاس جُدا جُدا شيون سامهون، مٿان، پاسي کان ڪيئن نظر اَچن ٿيون، اِها چرچا ڪرايو.

⦿ رضيا، يش ۽ مينا اِنهن هڪ ئي بس جي جُدا جُدا نموني فوٽا ڪڍيا آهن.



بس جو ☐ نظارو



بس جو ☐ نظارو



بس جو ☐ نظارو



**راند (١)** ميز تي جُدا جُدا ٽِماپي شيون

رکيل آهن اُنهن مان هڪ هڪ شيءِ جو سامهون، پاسي، مٿان نظر ايندڙ نظارو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ اِسڪيچ ڪيو.



**راند (٢)** سانيا ۽ مائيڪل اِهي

عمارت ٺاهڻ جي راند ٽا ڪن ۽ عمارت جا جُدا جُدا نظارن جا اِسڪيچ ڪڍن ٽا اُهي اِسڪيچ توهان ڪڍو. توهان ڪوبہ ڪوڪو ڪٽي جُدا جُدا بناوت ۽ اُن جي سامهون، پاسي ۽ مٿان اَهڙن نظارن جا اِسڪيچ ڪڍو.

## اَڀياس

**(١) هيٺ ڏنل چٽر ڏسو شيءِ جو نالو لکو. اُن جي سامهون، مٿان يا پاسي وارو نظارو اِنهن مان ڪهڙو نظارو، اُهو لکو.**



شيءِ جو نالو ................

نظارو ................



شيءِ جو نالو ................

نظارو ................



شيءِ جو نالو ................

نظارو ................

ماسترن لاءِ :- شاگردن کي ربڙ، پاٽيءَ جي بوتل، پينسل، ڪاپي وغيره شين جي مدد سان سامهون نظارو، پاسي وارو نظارو، مٿيون نظارو، سُڃاڻڻ جي راند دوستن سان گڏ ڪرڻ جو موقعو ڏيو.

(٢) موجود سامگريءَ جي مدد سان گهر جو ماڊل تيار ڪريو. اُن جي شڪل ڪڍو. اُن گهر جي سامهون، پاسي ۽ مٿان نظارو ڪيئن نظر اَچن ٿا، اُنهن نظارن جو اِسڪيچ ڪڍو.

## جانورن جي باغ جو نظري نقشو

### سمجهي وٺو.

اِشارائي نشانيءَ نالو.




### حل ڪريو.

◉ باغ جي نقشي ۾ ڏنل فهرست کي ڏسي هيٺئين سوالن جا جواب ڏيو.

(١) اِها نشاني ڇا ٿي ڏيکاري؟ ......................

(٢) باغ جي داخل دروازي کان گسڪڻ تائين وڃڻ جي ويجهي رستي ۾ رنگ ڀريو.

(٣) باغ ۾ پينگهي جي ڪهڙي پاسي گسڪڻ آهي؟ ......................

(۴) پکين جي جاءِ جي ڪابي پاسي ڪير آهي؟ ......................

ماسترن لاءِ :- شاگردن پاران ڪڍيل جُدا جُدا نظارن جو ڪلاس ۾ چرچا ڪرايو.

## ميلي جو نظري نقشو

مانسي ۽ ساڌنا پنهنجي پنهنجي ڪتنب سان ڳوٺ جي ميلي ۾ ويون اُن ميلي جو نظري نقشو هيٺ ڏنل آهي.

ڏنل نشانيون ۽ نالا.




## اَڀياس

◉ متي نظري نقشو جاچيو ۽ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب لکو.

(١) رانديڪن جا ڪُل گهڻا دوڪان آهن؟ ......................

(٢) ڦوڪڻي وارو ناشتي واري جي ڪهڙي پاسي آهي؟......................

(٣) گهوڙي گاڏي جي ڪاٻي پاسي ڇا آهي؟ ......................

(۴) بس اِستئنڊ کان وڌيڪ پري هوندڙ هيٺ ڏنل جاءِ متان ◯ پايو.

(١) پاٽي اِستان (٢) آڪاشي پينگهو (٣) گهوڙي گاڏي (۴) ناشتي وارو

(۵) آڪاشي پينگهو کان مدد ڪيندر تائين پهچڻ لاءِ مانسي کي توهان ڪهڙيون سوچنائون ڏيندا. اُهي ڪاپي ۾ لکو.

ماسترن لاءِ :- ماستر طرف ۽ جاءِ اِنهن بابت جُدا جُدا سوال پڇي، رانديون ڪرائي.

## ⦿ چاري (گرِڊ) جي مدد سان شين جي صحيح جڳھ ڳولھيو.




مٿي چاريءَ ۾ ۴ ڪالم (اُڀيون ليڪون) ۽ ۴ قطارون (آڏيون ليڪون) آهن. ڪالمن لاءِ الف، ب، ٻ، پ اِهي اکر هيٺئين پاسي ڏنل آهن.
قطارن کي سلسليوار ۱،۲،۳،۴ نمبر ڏنل آهن. چاريءَ ۾ شين جي جڳھ لکڻ لاءِ اِن جو اِستعمال ڪبو آهي. جئن ڪيلي جي جڳھ ٻ-۴ آهي.

## ⦿ هيٺ ڏنل هدايتن موجب مشغولي پوري ڪريو.

(۱) ڊاڪ جي ساڄي پاسي وارو ميوو ڪيسري رنگ سان اُن جي ول ۾ سائو رنگ ڀريو.

(۲) الف -۴ ۾ چتر کي پيلي رنگ سان ڀريو.

(۳) پ-۳ مٿان ڪھڙو ميوو آهي، اُن جو نالو لکو. ..................................

(۴) ب-۲ ۾ ميوي جو نالو لکو. ..................................

(۵) اناس جي جڳھ ٻڌايو. ..................................



ماسترن لاءِ:- ڪمپيوٽر ذريعي ايڪسل (Excel) شيٽ ۾ چاري (Grid) جو تصوُر سمجهايو ۳ × ۳ يا ۴ × ۴ چاري (گرِڊ) ۾ ڪنهن شيءِ جو صحيح اِستان ٻڌائڻ جو اَڀياس ڪرايو.

اِنسپيڪٽر وانگر نظر ايندڙ ڪاٺ جي بلاڪن جي مناسب شڪل مٿان (✓) اهڙو نشان ڪريو.



ريئا ۽ نيل جُدا جُدا ٽِماپي شڪليون ڪڍندي راند راند ۾ مسخرو تيار ڪيو.








(ا) مسخرو چٽر











## ڳالهه-ٻولهه ڪريو.



پرواري چتر ۾ اَجيهه سلينڊر، ڪعب، مخروط، مستطيل، گولو وغيره ٽِماپي شڪلين مان ٺاهيل اِنجڻ جاچيو اُن جي پاسي وارو نظارو، سامهون وارو نظارو ۽ مٿي وارو نظارو اِنهن بابت دوستن سان چرچا ڪريو.

## اَڀياس

- حسابي پيٽي ۾ مستطيل، ڪعب، سلينڊر مخروط وغيرهه ٽِماپي شڪلين مان بس، گهر، ميز، ٽرڪ، پُل وغيرهه شيون ٺاهيو اُنهن شين جا پاسي جا نظارا، مٿي جا نظارا ۽ سامهون وارا نظارا، نظر ايندڙ جا فوٽا ڪيو.

**ماسترن لاءِ :-** شاگردن کي ڪعب، سلينڊر، مستطيل، گولو وغيرهه ٽِماپي شڪلِيون ميسر ڪرائي، اُنهن مان جُدا جُدا شيون ٺاهڻ جو موقعو ڏيو ۽ ٻارن جي تخليقي سوچ وڌائڻ لاءِ همٿايو.

# ضرب



موڪل ڏينهن رميش ۽ سريڪا اِنهن پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڪوڪن ۾ نارنگيون پرڻ ۾ مدد ڪئي سريڪا هرهڪ ڪوڪي ۾ ٦ نارنگيون اِن نموني ٥ ڪوڪا پريا تہ هن ڪل گهٽيون ڪوڪن ۾ پريون.

٦+ ٦+ ٦+ ٦+ ٦ = ٣٠ مطلب ڇهہ، پنج دفعا آهي ٦ × ٥ = ٣٠ اِئين لکبو آهي ۽ اِهو ’ڇهہ ضربيان پنج برابر ٽيهہ‘ اِئين پڙهبو آهي. سريڪا ڪل ٣٠ نارنگيون ڪوڪن ۾ پريون.

## ڪري ڏسو.




(١) چتر پورو ڪريو ۽ ڪل ڪيترا ڪپ ڪيڪ آهن اُهي لکو.

هتي ٦ ڪيڪ ..... دفعا يا ٧ ڪيڪ ..... دفعا = ..... ڪيڪ.

اسان اِئين بہ چئي سگهون ٿا تہ ..... جي ستوڻ يا ٧ جي ڇهوڻ

مطلب ڪل ..... ڪيڪ آهن.

٦ × ٧ = ٧ × ٦ = ☐ ₹

(٢) هڪ آئيسڪريم ڪون جي قيمت ٥ روپيا آهي ٩ ڇڙن هرهڪ هڪ اِن نموني آئيسڪريم ڪون خريد ڪيو. تہ ڪل ڪيترا روپيا لڳا؟



٥ روپيا ٩ دفعا لڳندا.

مطلب ٥ × ....... يا ٩ × ........ = .........

اسان اِئين ڇئون يا......... جي نائون = ......... = ........

مطلب ٩ ڇڙن هرهڪ هڪ آئيسڪريم ورتي تہ ........ روپيا لڳا.

## پڙايو پلا.



◉ ٽپا ڏيڻ جي راند ڪريون. ڪيترا ٽپا، ڪيترا ڏاڪا؟ اُن لاءِ مشغولي پوري ڪريو.




◉ سدوءَ ٠ کان شروع ڪيو.




سدو ڪهڙي ڪهڙي عدد تي پهچي ٿو ٩، ١٨، ٢٧ .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... ....

٩ جو هڪ ٽپو مطلب ٩×١ = ٩

٩×١ = ٩ ٩×٤ = ......

٩×٢ = ١٨ ٩×٥ = ......

٩×٣ = ٢٧ ٩×٦ = ......

◉ پوجا پڻ ٠ کان شروع ڪري ٽپا ڏنا اُن کي گوپال درج ڪيو. شروعات ۾ ڪجهه عدد رهجي ويا. اُهي توهان پورا ڪريو.

٣٢، ٤٠، ٤٨، ٥٦

◉ ڏاڪا سڃاڻي اڳتي ٣ عدد لکو.

(١) ١٠، ٢٠، ٣٠ ...... ، ......، ......

(٢) ٧، ١٤، ٢١ ...... ، ......، ......

(٣) ٢٠، ٤٠، ٦٠ ...... ، ......، ......

(٤) ٦، ١٢، ١٨ ...... ، ......، ......

## ڪري ڏسو.



مان ١٨ اِن عدد تي گُل رکيا.



ان گُل تائين پهچڻ لاءِ ساڳيا ڏاڪا ڪم آڻي ٽپا ڏيڻا آهن خاص گُل مٿان ٽپو ڏيڻو نہ آهي. گهٽ ۾ گهٽ ٽپن ۾ جيڪو گُل تائين پهچندو اُهو ڪٽندو.

| ٢٠ | ١٩ | ١٨ | ١٧ | ١٦ | ١٥ | ١٤ | ١٣ | ١٢ | ١١ | ١٠ | ٩ | ٨ | ٧ | ٦ | ٥ | ٤ | ٣ | ٢ | ١ | ٠ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|

روزمره وهنوار ۾ آسان ڪوڙن جي مدد سان ضرب ڪندا آهيون. ڪوڙو مطلب سلسلي ۾ ڪيل ضرب.



ماسترن لاءِ :- شاگردن کي مشغولي توڙي عملي نموني سامگري ڏيئي آزمودو ڪرايو، شاگردن کي عدد- ليڪ يا اُن جهڙو سامان واپرائي ڏاڪا ۽ ڪوڙا پڪا ڪرايو. اِنهن جو اِستعمال ڪرڻ لاءِ همٿايو.

## ⊙ ۷ جو ڪوڙو

| چتر روپ | جوڙ روپ | ضرب روپ | ۷ جو ڪوڙو | ضرب پڙهڻ |
|---|---|---|---|---|
|  | ۷ | ۱ × ۷ | ۷ | ايڪ ستان ستان |
|  | ۷ + ۷ | ۲ × ۷ | ۱۴ | ٻه ستان چوڏهان |
|  | ۷ + ۷ + ۷ | ۳ × ۷ | ۲۱ | ٽي ستان ايڪويهه |
|  | ۷ + ۷ + ۷ + ۷ | ۴ × ۷ | ۲۸ | چار ستان اَٺاويهه |
|  | ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ | ۵ × ۷ | ۳۵ | پنج ستان پنجٽيهه |
|  | ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ | ٦ × ۷ | ۴۲ | ڇهه ستان ٻائيتاليهه |
|  | ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ | ۷ × ۷ | ۴۹ | ست ستان اُڻونجاهه |
|  | ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ | ۸ × ۷ | ۵٦ | اَٺ ستان ڇاونجاهه |
|  | ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ | ۹ × ۷ | ٦۳ | نائي ستان ٽيهٺ |
|  | ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ + ۷ | ۱۰ × ۷ | ۷۰ | ڏاهي ستان ستر |

⊙ ڪوڙا چئو.

| ٦ جو ڪوڙو | ٨ جو ڪوڙو | ٩ جو ڪوڙو | ١٠ جو ڪوڙو |
|---|---|---|---|
| ١ × ٦ = ٦ | ١ × ٨ = ٨ | ١ × ٩ = ٩ | ١ × ١٠ = ١٠ |
| ٢ × ٦ = ١٢ | ٢ × ٨ = ١٦ | ٢ × ٩ = ١٨ | ٢ × ١٠ = ٢٠ |
| ٣ × ٦ = ١٨ | ٣ × ٨ = ٢٤ | ٣ × ٩ = ٢٧ | ٣ × ١٠ = ٣٠ |
| ٤ × ٦ = ٢٤ | ٤ × ٨ = ٣٢ | ٤ × ٩ = ٣٦ | ٤ × ١٠ = ٤٠ |
| ٥ × ٦ = ٣٠ | ٥ × ٨ = ٤٠ | ٥ × ٩ = ٤٥ | ٥ × ١٠ = ٥٠ |
| ٦ × ٦ = ٣٦ | ٦ × ٨ = ٤٨ | ٦ × ٩ = ٥٤ | ٦ × ١٠ = ٦٠ |
| ٧ × ٦ = ٤٢ | ٧ × ٨ = ٥٦ | ٧ × ٩ = ٦٣ | ٧ × ١٠ = ٧٠ |
| ٨ × ٦ = ٤٨ | ٨ × ٨ = ٦٤ | ٨ × ٩ = ٧٢ | ٨ × ١٠ = ٨٠ |
| ٩ × ٦ = ٥٤ | ٩ × ٨ = ٧٢ | ٩ × ٩ = ٨١ | ٩ × ١٠ = ٩٠ |
| ١٠ × ٦ = ٦٠ | ١٠ × ٨ = ٨٠ | ١٠ × ٩ = ٩٠ | ١٠ × ١٠ = ١٠٠ |

⊙ بال ڪهڙي جاريءَ ۾ ويندو؟ ليڪ سان ملائي ڏيکاريو.



⊙ ۳، ۴ ۽ ۷ جا ڪوڙا ڏنل آهن اُنهن کي جاچيو. توهان کي ڇا ٿو نظر اچي؟

| | | |
|---|---|---|
| ۱ × ۳ = (۳) | ۱ × ۴ = (۴) | ۱ × ۷ = [۷] |
| ۲ × ۳ = (۶) | ۲ × ۴ = (۸) | ۲ × ۷ = [۱۴] |
| ۳ × ۳ = (۹) | ۳ × ۴ = (۱۲) | ۳ × ۷ = [۲۱] |
| ۴ × ۳ = (۱۲) | ۴ × ۴ = (۱۶) | ۴ × ۷ = [۲۸] |

روپا : گول ۽ چوڪنڊي ۾ رکيل عددن جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

سدو : گول ۾ عددن جو جوڙ ڪرڻ ڪانپوءِ اُهو جواب اَڳتي چوڪنڊي واري عدد ۾ ملي ٿو.

روپا : اڙي، اِهو تہ مزيدار آهي هاڻي مان ڪوڙا تيار ڪري سگهان ٿي.

هاڻي مان ۶ جو ڪوڙو تيار ڪيان ٿي.

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۲ جو ڪوڙو : | ۲ | ۴ | ۶ | ۸ | ۱۰ | ۱۲ | ۱۴ | ۱۶ | ۱۸ | ۲۰ |
| + ۴ جو ڪوڙو : | ۴ | ۸ | ۱۲ | ۱۶ | ۲۰ | ۲۴ | ۲۸ | ۳۲ | ۳۶ | ۴۰ |
| ۶ جو ڪوڙو : | ۶ | ۱۲ | ۱۸ | ۲۴ | ۳۰ | ۳۶ | ۴۲ | ۴۸ | ۵۴ | ۶۰ |

۳ ۽ ۵ جو ڪوڙو تيار ڪري ۸ جو ڪوڙو ٺاهيو.

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۳ جو ڪوڙو : | ۳ | ۶ | | | ۱۵ | ۱۸ | | ۲۴ | | ۳۰ |
| + ۵ جو ڪوڙو : | ۵ | | ۱۵ | | | ۳۰ | ۳۵ | | | |
| ۸ جو ڪوڙو : | ۸ | | | | | | | | | ۸۰ |

## مزو ضرب جو

(۱) ۲ جو گروپ ۳ دفعا



۲ × ۳ =

۳ جو گروپ ۲ دفعا



۳ × ۲ =

⊙ ڏنل عددن کي پورو ڪريو.




۲ × ۳ = ۶

۳ × ۲ = ۶

مطلب ۲ × ۳ = ۳ × ۲ = ۶

(۲) ۴ جو گروپ ۵ دفعا



۴ × ۵ =۲۰

۵ جو گروپ ۴ دفعا



۵ × ۴ =۲۰

مطلب ۴ × ۵ = ۵ × ۴



## مون کي سمجھ ۾ آيو.

ضرب ڪرڻ ۾ عدد جو سلسلو ھلائڻ سان ساڳيو جواب ايندو آھي.

◉ خالي جاين ۾ مناسب عدد لکو.

(١) ٤ × ٨ = ..... × ٤ = ☐ (٢) ٣ × ٧ = ٣ × ..... = ☐

(٣) ٦ × ..... = ٩ × ..... = ٥٤ (٤) ٩ × ٥ = ٥ × ..... = ☐

◉ ضرب ڪريو.

(١) ١ × ١٢ = ١٢ (٢) ١٧ × ١ = ..... (٣) ٥٥ × ١ = .....

(٣) ..... × ١ = ٣٢ (٤) ..... × ١ = ٢٥ (٦) ٨٤ × ...... = ٨٤

ڪھڙي بہ عدد کي ا سان ضرب ڪرڻ سان ضرب اُپت اُھو ئي عدد ايندو آھي.

## اَڀياس

(١) ضرب جو تختو پورو ڪريو.

| × | ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ | ٦ | ٧ | ٨ | ٩ | ١٠ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ١ | | | | ٥ | | | | | |
| ٢ | | | | | | | | | | |
| ٣ | ٣ | | | | | ١٨ | | | | |
| ٤ | | | | | | | | | | |
| ٥ | | | | | | | | | | |
| ٦ | | | | | | | | | | ٦٠ |
| ٧ | | | | | | ٤٨ | ٥٦ | | | |
| ٨ | | | | | | | | | | |
| ٩ | | | | | | | | | ٨١ | |
| ١٠ | | | | | | ٦٠ | ٧٠ | | | |

٦ × ٣ = ١٨
٣ × ٦ = ١٨

١٠ × ٦ = ٦٠
٦ × ١٠ = ٦٠

متين ڏنل تختو ڏسو ۽ ھينيان مثال حل ڪريو.

◉ ھڪ پين جي قيمت ٧ روپيا تہ اھڙين ٨ پينن جي قيمت ڪيتري؟ ........................ روپيا

◉ ھڪ دٻي ۾ ٩ لڏون ماپجن ٿا تہ اھڙين ٩ دٻن ۾ ڪيترا لڏون ماپجندا. ........................ لڏون

◉ ا باڪس ۾ ١٠ پينسلون آھن تہ اَھڙن ٤ باڪسن ۾ ڪيترا پينسلون؟ ................ پينسلون

ماسترن لاءِ :- شاگردن کان تختو پورو ڪرائي تختي جي آڌار تي روزمرھ وھنوار ۾ جُدا جُدا قسمن جا سوال پڇو. سوال تيار ڪري حل ڪرڻ جو موقعو ڏيو مثال نقش، ڪوڙا تيار ڪرڻ وغيرھ.

(٢) هيٺ ڏنل ڦيٿن کي جاچيو خالي جاين تي مناسب عدد لکو.

(١)




(٢)




(٣)




## ضربجندڙ، ضربيندڙ، ضرب اُپت



سمجهي وٺو.

◉ هڪ ڪوکي ۾ ٦ ڏاڙهون ماپجن ٿا، اهڙن ٧ ڪوکن ۾ گهڻا ڏاڙهون ماپجندا؟



هرهڪ جا ٦ ڏاڙهون × ٧ ڪوکا

ديءِ ۾ ٤٢ ماپجندا

هتي،

| | |
|---|---|
| ٦ | ضربجندڙ |
| ٧ × | ضربيندڙ |
| ٤٢ | ضرب اُپت |

ضرب ڪاروائيءَ ۾ جنهن عدد سان ضرب ڪئي آهي، اُن کي 'ضربجندڙ' چئبو آهي.
جنهن عدد جي ضرب ٿيندي آهي، اُن کي 'ضربيندڙ' چئبو آهي ۽ مليل جواب کي 'ضرب اُپت' چئبو آهي.

ضربجندڙ × ضربيندڙ = ضرب اُپت

(٢) گهڻا ڀار

هڪ قطار ۾ ٨ ڀار، اَهڙيون ٦ قطارون

٨ ڀار × ٦ قطارون = .......

سڀ ملائي ..........ڀار آهن.

....... × ٦ = .........

ضربجندڙ = ........

ضربيندڙ = ........

ضرب اُپت = ........

◉ ٽوڪريءَ ۾ انبن جو سلسلو جاچ ڪري خالي جاين ۾ مناسب عدد لکو.

| چٽر جاچڻ | انبن جو عدد جوڙ روپ ۾ | انبن جو عدد ضرب روپ ۾ |
|---|---|---|
|  | ٤ + ٤ + ٤ = ١٢ | ٤ × ٣ = ١٢ |
| | ٣ + ٣ + ٣ = ٩ | ٣ × ٣ = ٩ |
| | ٢ + ٢ + ٢ = ٦ | ٢ × ٣ = ٦ |
| | ١ + ١ + ١ = ٣ | ١ × ٣ = ٣ |
| | ٠ + ٠ + ٠ = ٠ | ٠ × ٣ = ☐ |

٠ × ٣ = ٠ ۽ ٣ × ٠ = ٠

⦿ ٨ × ٠ = ٠ ⦿ ٠ × ٩ = ٠ ⦿ ٠ × ١٠٠ = ٠

⦿ ١٥ × ٠ = ٠ ⦿ ٠ × ١٠ = ٠ ⦿ ٩٩٩ × ٠ = ٠

### مون کي سمجهه ۾ آيو.

ڪھڙي بہ عدد کي 'ٻڙي' سان ضرب ڪبي يا 'ٻڙي' کي ڪنهن عدد سان ضرب ڪبي تہ ضرب اُپت 'ٻڙي' ئي ايندي.

## اَڀياس

(١) حل ڪريو.

| ⦿ | ⦿ | ⦿ | ⦿ |
|---|---|---|---|
| ٦ × ٣ | ٨ × ٤ | ٧ × ٥ | ٩ × ٠ |
| ٥ × ١ | ٧ × ٤ | ٠ × ٦ | ١ × ٩ |

## ڏهاڪن سان ضرب

### سمجهي وٺو.

(١) راجو ۽ ٽوني پنهي ٽوڪرو پري گُل آندا. اُنهن مان هينئين نموني هار تيار ڪيا. تيار ڪرڻ لاءِ ڪنهن کي گهڻا گُل لڳا؟

| راجو : مان، ١٠ گُلن وارا ٣ هار تيار ڪيا. | ٽوني : مان، ١٠ گُلن وارا ٥ هار تيار ڪيا. |
|---|---|
|  |  |
| ٣ × ١٠ = ٣٠ گُل | ....×....=.... گُل |

⦿ ڪنهن عدد کي ١٠ سان ضرب ڪرڻ مطلب اُن عدد جو ڏهوڻ.

⦿ ڪنهن عدد کي ١٠ سان ضرب ڪرڻ ۾، ضرب اُپت ۾ اُهو عدد لکي، اُن جي اَڳيان ٻڙي لکو.

⦿ ٣ × ٢٠ = ☐ اِن مثال ۾ ٣ کي ٢٠ سان ضرب مطلب ٣ کي ٢ ڏهاڪن سان ضرب آهي.

٣ × ٢٠ = ٣ × ٢ ڏهاڪا = ٦ ڏهاڪا = ٦٠

## اَڀياس

(١) چوکنڊن ۾ مناسب عدد لکو.

٦ × ١٠ = ☐ ٧ × ١٠ = ☐ ٩ × ١٠ = ☐ ١٠ × ١٠ = ☐

(٢) چوکنڊن ۾ مناسب عدد لکو.

٩ × ٢٠ = ☐ ٧ × ٤٠ = ☐ ٥ × ٦٠ = ☐ ٣ × ٨٠ = ☐

٨ × ٣٠ = ☐ ٦ × ٥٠ = ☐ ٤ × ٧٠ = ☐ ٣ × ٩٠ = ☐

# ٻہ انگي عدد کي هڪ انگي عدد سان ضرب



## سمجهي وٺو.

◉ ضرب - چوڪنڊو طريقو (لئٽس طريقو)

(١) وشال پنهنجي جنم ڏينهن تي ڪلاس جي ٣٦ شاگردن کي هرهڪ لاءِ ٣ رنگين پينسلون ڏنيون. ٻڌايو تہ هن ڪيترا پينسلون سوکڙيءَ ۾ ڏنيون؟

ڪلاس ۾ ڪل شاگردن جو عدد ٣٦ هرهڪ کي ٣ پينسلون مليون.

تہ سوکڙيءَ ۾ ڪُل ڏنل پينسلون = ٣٦ × ٣ = ؟

هاڻي ٣٦ × ٣ اِها ضرب ڪيئن ڪبي، اِنجو پهريون اندازو لڳايو. ٣٦ ۾ ٣ ڏهاڪا مطلب ٣ ڏ × ٣ = ٩ ڏ = ٩٠ مطلب ٣٦ × ٣ جي ضرب اُپٽ ٩٠ کان وڌيڪ آهي.

٣٦ × ٣ ڪيئن ڪبي؟

٣٦ مطلب ٣٠ ۽ ٦

| × | ٣٠ | ٦ |
|---|---|---|
| ٣ | | |

| × | ٣٠ | ٦ |
|---|---|---|
| ٣ | ٣ × ٣٠ | ٦ × ٣ |
| | ٩٠ | ١٨ |

٣٠ دفعا ٣ مطلب ٩٠ ۽ ٦ دفعا ٣ مطلب ١٨

٩٠ ۽ ١٨ ملائبا تہ جواب ١٠٨ ايندو.

$$\begin{array}{r} ٩٠ \\ +\ ١٨ \\ \hline ١٠٨ \end{array}$$

٣٦ × ٣ = ١٠٨ وشال ڪُل ١٠٨ پينسلون سوکڙيءَ ۾ ڏنيون.



## ويچار ڪريو.

ضرب ۾ توهان جو ڪيل اندازو ۽ عملي طور ڪيل ۾ ڪيترو فرق آيو؟ پر ون يوجن پروگرام ۾ ۴٣ شاگرد شامل ٿيا. هرهڪ شاگرد ۵ ميوا آندا تہ ڪُل ڪيترا ميوا آندا ويا؟

| × | ۴٠ | ٣ |
|---|---|---|
| ۵ | | |

٣ + ۴٠ = ۴٣

| × | ۴٠ | ٣ |
|---|---|---|
| ۵ | ۵ × ۴٠ | ۵ × ٣ |
| | ٢٠٠ | ١۵ |

$$\begin{array}{r} ٢٠٠ \\ +\ ١۵ \\ \hline ٢١۵ \end{array}$$

مطلب ۴٣ × ۵ = ٢١۵ مطلب ڪل ٢١۵ ميوا آندا ويا.

## اَڀياس

(١) هيٺ ڏنل ضربون چوڪنڊو طريقو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ حل ڪريو جواب چوڪنڊي ۾ لکو.

◉ ٢٢ × ۴ = ☐ ◉ ٣٢ × ٧ = ☐ ◉ ٣٨ × ٩ = ☐ ◉ ۴٩ × ٨ = ☐



ماسترن لاءِ :- ڏهاڪن جي اوڻ ڪري ضرب جو اَڀياس ڪرايو. شاگردن کي اِن مان نقش سمجهايو اِن بابت چرچا ڪرايو.

**(٢) جواب ڪھڙو ايندو، پھريون اندازو لڳايو پوءِ چوڪندو طريقو (لئٽس طريقو) موجب ضرب ڪري جاچ پڙتال ڪريو.**

- هڪ گلدستي ۾ ٦ گُل آهن، اهڙن ١٢ گُلدستن ۾ ڪيترا گُل تيار ٿيندا.
- هڪ ڪتاب جي قيمت ۴٨ روپيا آهي ته اهڙن ٣ ڪتابن جي قيمت ڪيتري؟
- هڪ قطار ۾ ٢١ شاگرد، ته اَهڙين ٨ قطارن ۾ ڪُل گھڻا شاگرد؟
- ورد پنهنجي اِسڪول جي بچت بئنڪ ۾ هررو ز ٢٠ روپيا جمع ڪيا ته ٩ ڏينهن ۾ هُن گھڻا روپيا جمع ڪيا؟

## ضرب : اُپي اَڏاوت



### سمجهي وٺو.

**١٢ × ۴ = اھا ضرب ڪريو.**

| اي | ڏ |
|---|---|
| ١ | ٢ |
| ۴ | × |
| ۴ | ٨ |

- پھريائين ايڪن واري جڳھ تي ١ کي ۴ سان ضرب ڪجي، ايڪ چونڪ چونڪ مطلب جواب ۾ ايڪن جي جڳھ تي ۴ لکجي.
- هاڻي ڏهاڪن واري جڳھ تي ٢ کي ۴ سان ضرب ڪجي ته جواب ٨ ڏهاڪا ايندو.
- چاڪاڻ ته ہہ چونڪَ ان ضرب اُپت ٨۴ آئي.
- مطلب ٢١ × ۴ = ٨۴

**٣۴ × ٦ اھا ضرب ڪريو.**

| اي | ڏ | س |
|---|---|---|
| ۴ | ٢ | |
| ٦ | ٣ × | |
| ۴ (١) | ٠ | ٢ |

پھريائين ايڪن واري جڳھ تي ۴ کي ٦ سان ضرب ڪبي چار چڪان چوويھ جواب ۾ ايڪن جي گھر ۾ فقط ۴ لکبا ڏهاڪي واري جڳھ تي ٣ جي مٿان ٢ لکبا، هاڻي ٣ کي ٦ سان ضرب ڪبي، ٽِ چڪان ارڙهان ۽ اُن ۾ ٢ ملائي ڏهاڪن واري جڳھ تي ٠ لکي جواب ۾ سون واري جڳھ تي ٢ لکبا .

مطلب ٣۴ × ٦ = ٢٠۴

## اَڀياس

**ضرب ڪريو.**

(١)

| اي | ڏ | س |
|---|---|---|
| | | |
| ٣<br>٥ | ۴<br>× | |
| | | |

(٢)

| اي | ڏ | س |
|---|---|---|
| | | |
| ٣<br>٣ | ٥<br>× | |
| | | |

(٣)

| اي | ڏ | س |
|---|---|---|
| | | |
| ٥<br>۴ | ٦<br>× | |
| | | |

(۴) هڪ دٻي ۾ ٢٥ لڏون تہ ٧ دٻن ۾ ڪُل ڳهڻا لڏون؟

| | س | ڏ | اِ |
|---|---|---|---|
| | | ٣ | |
| هڪ دٻي ۾ لڏون | | ٢ | ٥ |
| ڪُل دٻا | | × | ٧ |
| ڪُل لڏون | | | |

(٥) ١ ڪلو گرام ڪڻڪ جي قيمت ۴٣ روپيا تہ ٨ ڪلو ڪڻڪ جي قيمت ڪيتري؟

۴٣ ڪڻڪ جي قيمت في ڪلوگرام

× ٨ ڪلوگرام ڪڻڪ.

[ ]

مطلب ٨ ڪلو ڪڻڪ جي قيمت [ ] روپيا.



سمجهي وٺو.

◉ ڏهاڪن جي ڏهاڪي جي اوڻ :

٢٠ × ٣٠ = ؟

٢٠ ڏ × ٣٠ = ٦٠ ڏ = ٦٠٠

پوري ڏهاڪن جي ضرب ڪرڻ ۾، ڏهاڪو جاءِ جي انگن جي ضرب ڪري ايندڙ عدد اڳيئن بہ ٻڙيون لڳائيون.

◉ چوڪنڊي ۾ مناسب عدد لکو.

(١) ٢٠ × ۴٠ = [ ]　　(٢) ٣٠ × ٣٠ = [ ]　　(٣) ١٠ × ٥٠ = [ ]

ٻہ-اَنگي عدد کي ٻہ-اَنگي عدد سان ضرب ڪرڻ



سمجهي وٺو.

◉ ضرب-چوڪنڊو طريقو (لٽِس طريقو)

سونوءَ ۴٣ درجن ڪيلا آندا تہ ڪُل ڳهڻا ڪيلا هن آندا؟

سونوءَ کي ۴٣ × ١٢ اِها ضرب ڪرڻي آهي، ڪاڻ ڪيلا ١ درجن = ١٢ ڪيلا

۴٣ = ۴٠ + ٣
١٢ = ١٠ + ٢

ٻئي عدد وسٿارت روپ ۾ لکيا آهن.

| × | ۴٠ | ٣ |
|---|---|---|
| ١٠ | ۴٠ × ١٠ = ۴٠٠ | ٣ × ١٠ = ٣٠ |
| ٢ | ۴٠ × ٢ = ٨٠ | ٣ × ٢ = ٦ |

۴٠٠
+ ٣٠
+ ٨٠
+ ٦
———
٥١٦

۴٣ × ١٢ = ٥١٦　　سونو ۴٣ درجن ڪيلا مطلب ٥١٦ ڪيلا آندا.

(۱) چوڪنڊو طريقو موجب ضرب ڪريو.

⊙ ۴۵ × ۱۴ ⊙ ۳۷ × ۱۹ ⊙ ۲۸ × ۲۳

(۲) ريلوي جي هڪ ڏبي ۾ ۷۴ مسافر ويهي سگهن ٿا تہ اَهڙن ۱۲ ڏبن ۾ ڪل ڳهڻا مسافر ويهي سگهندا؟

(۳) هڪ هال ۾ هڪ قطار ۾ ۴۳ ڪُرسيون لڳل آهن تہ اَهڙين ۲۳ قطارن ۾ ڳهڻيون ڪرسيون لڳنديون؟

(۴) هڪ ٽوپيءَ جي قيمت ۳۵ روپيا آهن تہ اَهڙين ۱۲ ٽوپين جي ڪل قيمت ڪيتري؟

ضرب : اُڀي اَڏاوت

⊙ ۴۳ × ۱۲ = ؟

| س | ڏ | اِ |
|---|---|---|
| | | |
| | ۴ | ۳ |
| × | ۱ | ۲ |
| | ۸ | ۶ |
| | | |

- پهريائين اُڀي اَڏاوت ڪريون ايڪن جي جاءِ تي ۳ کي ۲ سان ضرب ڪريون، تہ ڏون ڇهہ.
- اِهي ٦ ايڪن واري گهر ۾ هيٺان لکون، پوءِ ۲ کي ۴ ڏهاڪن سان ضرب ڪريون
- ہ چونڪ ۸ ڏهاڪن واري جاءِ تي ۸ لکون.
- هاڻي ڏهاڪن واري گهر ۾ ۱ مطلب ۱ ڏهاڪو آهي.

| س | ڏ | اِ |
|---|---|---|
| ۱ | | |
| | ۴ | ۳ |
| × | ۱ | ۲ |
| | ۸ | ٦ |
| +۴ | ۳ | ۰ |
| ۵ | ۱ | ٦ |

- ۱ ڏ × ۳ = ۳ ڏ، ۳ ڏ = ۳۰
  اِن ۳۰ ۾ ۰ ايڪن واري جڳهہ ۽ ۳ ڏهاڪن واري جڳهہ تي لکيا.
- هڪ ڏهاڪي ضرب ۴ ڏهاڪا = ۱ڏ × ۴ ڏ = ۱۰ × ۴۰ = ۴۰۰
  ۴ سو اِهي سَوَن واري جاءِ تي لکيا.
- هاڻي ٻنهي انگن جي ضرب ڪان پوءِ مليل ضرب اُپتون ۸٦ ۽ ۴۳۰ اِهي جوڙ ڪيا. اِهو جوڙ جواب ٿيندو.
- مطلب ۴۳ × ۱۲ = ۵۱٦

⊙ ۳۵ × ۲٦ = ؟

| س | ڏ | اِ |
|---|---|---|
| ۱ | ۳ | |
| | ۳ | ۵ |
| × | ۲ | ٦ |
| ۲ | ۱ | ۰ |
| +۷ | ۰ | ۰ |
| ۹ | ۱ | ۰ |

٦ ايڪن سان ضرب
۲ ڏهاڪن سان ضرب
ٻئي جوڙ ڪيا.

۳۵ × ۲٦ = ۹۱۰

## اَڀياس

(١) اُڀي اڏاوت موجب ضرب ڪريو.

◉ ١١ × ٢١ ◉ ٢٣ × ٣٢ ◉ ٢٥ × ٢٩ ◉ ١٢ × ١٨ ◉ ١٩ × ٢١

(٢) اِسڪول جي هرهڪ ڪلاس ۾ ١٣ بينچون آهن ته اَهڙن ١٨ ڪلاس ۾ ڪُل گهٽيون بينچون؟

(٣) هڪ ٽيلهيءَ ۾ ١٥ ڪلوگرام چانور آهن ته اَهڙين ٢٢ ٽيلهين ۾ ڪُل ڪيترا ڪلوگرام چانور هوندا؟

(٤) هڪ ڪتاب جي قيمت ٤٥ روپيا ته ١٢ ڪتابن جي قيمت ڪيتري؟

## ٽِن انگي عدد جي هڪ انگي عدد سان ضرب






١٠٠ × ٥ = ١ س × ٥ = ٥ س = ٥٠٠

◉ خالي جاين ۾ مناسب عدد لکو.

(١) هڪ ڪوکي ۾ ١٠٠ چڪون ته اَهڙن ٦ ڪوکن ۾ گهٽا چڪون؟

١٠٠ × ٦ = ........... ٦ ڪوکن ۾ ٦٠٠ چڪون.

(٢) هڪ باڪس ۾ ١٠٠ پيزا آهن، ته اَهڙن ٧ باڪسن ۾ گهٽا پيزا؟

١٠٠ × ٧ = ........... ٧ باڪسن ۾ ڪُل.............. پيزا

◉ هڪ ڪتاب جي قيمت ₹١٢٥ روپيا آهي، مينا اهڙا ٥ ڪتاب خريد ڪيا، ته هُن کي گهٽا روپيا ڏيڻا پيا؟

چوڪٽ (لئٽس) طريقي سان ضرب ڪريون.

| × | ١٠٠ | ٢٠ | ٥ |
|---|---|---|---|
| ٥ | ٥ × ١٠٠ | ٢٠ × ٥ | ٥ × ٥ |
| | ٥٠٠ | ١٠٠ | ٢٥ |

٥٠٠
+ ١٠٠
+ ٢٥
———
٦٢٥

١٢٥ × ٥ = ٦٢٥

مطلب ٥ ڪتابن جي قيمت ٦٢٥ روپيا

◉ مان پنهنجي دوست ساهيڙين کي سوکڙي ڏيڻ لاءِ هرهڪ لاءِ ٢١٥ روپين جي حساب تي ٤ سوکڙيون خريد ڪيون ته مان ڪيترا روپيا خرچ ڪيا.

٢١٥ × ٤ ڪيترا روپيا خرچ ڪيا؟

| اِ | ڏ | س |
|---|---|---|
| | ٢ | |
| ٥ | ١ | ٢ |
| ٤ | | × |
| ٠ | ٦ | ٨ |

٤ سوکڙين لاءِ ٨٦٠ روپيا لڳا.

ماسترن لاءِ : چوڪنڊو طريقو ءِ اُڀي اڏاوت ۾ ضرب ڪرڻ ۾ هڪ جهڙايون ءِ فرق اِنهن تي ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

# اَڀياس

(۱) ضرب ڪريو. (چوڪندو طريقو ۽ اُڀي اڏاوت ۾)

- ۱۲۱ × ۴
- ۳۲۳ × ۳
- ۲۴۷ × ۲
- ۱۳۸ × ۳

(۲) مثال حل ڪريو.

- هڪ ڪارخاني ۾ هرروز ۲۱۵ رانديڪا تيار ٿيندا آهن ته اهڙي نموني ۴ ڏينهن ۾ گهڻا رانديڪا تيار ٿيندا؟
- هڪ مال ڪٽندڙ رڪشا ۾ ۴۱۵ سرون پريون ويون ته اَهڙن ۲ مال ڪٽندڙ رڪشائن ۾ گهٽيون سرون پريون ويندون؟
- هڪ پيتيءَ ۾ ۳۱۳ مٽيا ماپجن ٿا ته اَهڙين ۳ پيتين ۾ گهڻا مٽيا ماپجندا؟
- هڪ ڪتاب ۾ ۲۱۸ صفحا آهن ته اَهڙن ۷ ڪتابن ۾ صفحن جو عدد ڪيترو؟
- اِسڪول ۾ ڇوڪرين جي راند ڪرڻ لاءِ هرهڪ ۴ ميٽر ڊيگهه واريون ٦۵ نوڙيون خريد ڪيون ويون سڀ نوڙيون هڪ ٻئي سان ليڪ ۾ رکيون ويون ته هڪ وڏي نوڙي گهڻين ميٽر ڊيگهه جي تيار ٿيندي؟
- هڪ دوڪاندار هرهڪ ۵ ڪلوگرام وارا ۱۳۲ ڳُڙ جا ٽڪر وڪيا ته ڪُل گهڻو ڪلوگرام ڳُڙ وڪيو؟
- جل- اِستان لاءِ هڪ ڏينهن ۾ ۲۰ ليٽر پاڻيءَ جا ۳۵ ڪئن لڳن ٿا ته هڪ ڏينهن ۾ ڪُل گهڻا ليٽر پاڻي لڳي ٿو.

(۳) مثال حل ڪريو.

- ۲۲۷ × ۳
- ۳۴۸ × ۲
- ۲٦۰ × ۳
- ۱۸۹ × ۴
- ۸۹۷ × ۱

(۴) ڏنل ڄاڻ موجب ضرب جا مثال تيار ڪريو ۽ حل ڪريو.

- هڪ ڪاپيءَ ۾ ٦۴ صفحا، ۱۵ ڪاپيون.
- هڪ بس ۾ ۴۲ مسافر، ۴ بسيون.
- ۳۵ ڪلوگرام بصر، ۲۵ روپئي في ڪلوگرام.
- ۳ ميٽر، ۱۵ روپئي في ميٽر.

(۵) پروليون حل ڪريو. ته صوف، انب ۽ هندائو جي جڳهه ڪهڙو عدد گهرجي.






## برابر ورهاست ڪري ونڊ ڪرڻ

سمجهي ونو.

مان ماءُ سان ڏياري ۾ ماما جي گهر ويو هوس. ناني، نانو، مامو، مامي، ماسي، ماروٽ، ماساتُ، ماسات اِنهن سيني سان ملي خوب مزو آيو. سيني ملي ڪري لڏون، چيوڙو، چڪليون، ڪرنجي، شڪرپاڙا، جليبيون ۽ ٻيا سنيڪس پڌارڻ تيار ڪيا.

ماما ١٥ ڏيئا آندا آسان پنج ئي هڪ جهڙي ورهاست ڪري رنگ هڻڻ لاءِ ڏيئا ڪنيا. هرهڪ کي ١-١ اِن نموني وري ورهايا اِها ورهاست تڏهن پوري ٿي جڏهن ١٥ ڏيئا ختم ٿيا.




هرهڪ کي مليل ڏيئن جو عدد

١٥ ڏيئا ٥ ڇڻن ۾ برابر ورهايا تہ هرهڪ کي .......... ڏيئا مليا.

١٥ شين جا ٥ برابر گروپ ڪيا تہ هرهڪ کي ٣ شيون مليون.

اهو ١٥ ÷ ٥ = ٣ ائين لکبو آهي ۽ '١٥' ونڊيا '٣' ائين پڙهبو آهي. برابر ورهاست ڪان پوءِ هڪ بہ ڏيئو نہ بچيو.

ماءُ ١٧ ڪرنجيون ٥ ٻارن ۾ برابر ورهائڻ لاءِ چيو.

| ڪُل ڪرنجيون | گهڻن ڇڻن ۾ ورهائڻو آهي؟ | هرهڪ کي گهٽيون مليون | برابر ورهاست ڪانپوءِ ختم ٿيون؟ | باقي بچيون |
|---|---|---|---|---|
| ١٧ | ٥ | ٣ | ١٥ | ٢ |

١٧ ڪرنجون ٥ ڇڻن ۾ برابر ورهاست ڪان پوءِ هرهڪ کي ٣ ڪرنجيون مليون ۽ ٢ ڪرنجيون بچي پيون.

# هڪ عدد وري وري ڪٽ ڪري ونڊ ڪرڻ.



## سمجهي وٺو.

ٻئي ڏينهن سڀ ٻار ڳوٺ ۾ گُهمڻ ويا ڳوٺ ۾ آسماني پينگهو لڳل هو اُن ۾ وهڻ لاءِ پينگهي اَڳيان ڇوڪرا- ڇوڪريون بيٺا هئا.
هڪ پينگهي ۾ هڪ وقت فقط ۴ ٻار ويهي سگهن پيا.
پينگهي ۾ وهڻ لاءِ اَسان سڀ قطار ۾ ملائي ٢٠ ٻار هئاسين
پينگهو گُهمائيندڙ ڪاڪو هرهڪ پينگهي ۾ ۴ ٻار پيو ويهاري





ڪُل گهٽا هئا = ٢٠

پهرين پينگهي ويٺا = ۴

☐ - ۴ = ☐

قطار ۾ باقي بچيا = ☐



ٻئي پينگهي ۾ ويٺا = ۴

☐ - ☐ = ☐

قطار ۾ باقي بچيا = ١٢



ٽئين پينگهي ۾ ويٺا = ۴

☐ - ☐ = ☐

قطار ۾ باقي بچيا = ☐



چوٿين پينگهي ۾ ويٺا = ۴

☐ - ☐ = ☐

قطار ۾ باقي بچيا = ☐



پنجين پينگهي ۾ ويٺا = ۴

☐ - ☐ = ☐

قطار ۾ باقي بچيا = ☐

---

مطلب

$$\begin{array}{r} ٢٠ \\ -\ ۴ \\ \hline ١٦ \\ -\ ۴ \\ \hline ١٢ \\ -\ ۴ \\ \hline ٨ \\ -\ ۴ \\ \hline ۴ \\ -\ ۴ \\ \hline ٠ \end{array}$$

هرهڪ پينگهي ۾ ۴ ٻار ويٺا مطلب ۴ جو هڪ گروپ ٿيو تہ اُن موجب ٢٠ ٻار ۵ پينگهن ۾ ويٺا.
انڪري ۵ گروپ ٿيا.
باقي بچيو ٻڙي.

٢٠ ÷ ۴ = ۵

## برابر گروپ ڪري ونڊ ڪرڻ

سمجهي وٺو.



⦿ سُمن وٽ ٢۴ چڪون آهن هن چڪُن جا ۴-۴ جا گروپ ڪيا.
ڪُل چڪون = ٢۴، هرهڪ گروپ ۾ چڪون = ۴، ڪل گروپ = ٦.

⦿ برابر ورهاست : تختو پورو ڪريو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪُل چڪون | ٢۴ | ٢۴ | ٢۴ | ٢۴ | ٢۴ | ٢۴ | ٢۴ |
| گھڻن جا گروپ؟ | ٢ | ٣ | ۴ | ۵ | ٦ | ٧ | ١٠ |
| گھڻا گروپ ٿيا؟ | ١٢ | ٨ | ٦ | ....... | ....... | ٣ | ....... |
| بچيل چڪوُن | ٠ | ٠ | ٠ | ....... | ....... | ....... | ۴ |

⦿ برابر گروپ ڪرڻ : تختو پورو ڪريو.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪُل شين جو عدد | ٣۵ | ٣۵ | ٣۵ | ٣۵ | ٣۵ | ٣۵ |
| هرهڪ گروپ جون شيون | ٧ | ٦ | ۴ | ١٠ | ٣ | ۵ |
| گھڻا گروپ؟ | ١٢ | ٨ | ٦ | ....... | ....... | ....... |
| بچيل شيون | ٠ | ۵ | ٣ | ....... | ....... | ....... |

### ونڊ جا جُدا جُدا مطلب

مون کي سمجھ ۾ آيو.

شين کي برابر ورهاءِ يا شين جا برابر گروپ ڪن ته شين جي عدد ۾ هڪ عدد هرگھڙي ڪٽ ڪرڻ مطلب ونڊ.

## ونڊڻي، ونڊيندڙ، ونڊ اُپت ۽ پاڇي لکڻ.

سمجهي وٺو.



اَسان وٽ ٢٧ گُل هئا اُنهن مان ٩ گُلن جو هڪ هار تيار ڪيو. اَهڙا ٣ هار تيار ٿيا هڪ بہ گُل نہ بچيو. اِها ونڊ اُيي اڏاوت ۾ ڪندا سين.



ونڊ ۾ اُيي اَڏاوت ڪرڻ ۾ اِن ڪارروائي ۾ ⟌ نشان واپرائبي آهي.

• پھريان ٢٧ لکڻ. — ٢٧
• پوءِ ونڊ جي نشاني ڪيڏڻ. — ⟌٢٧
• نشاني جي کابي پاسي ۾ ٩ لکڻ. — ٩⟌٢٧
• اِن ونڊ ڪرڻ لاءِ ٩ جو ڪوڙو لکون.
• هتي ٢٧ ونڊڻي ۽ ٩ ونڊيندڙ آهي.

١ × ٩ = ٩
٢ × ٩ = ١٨
٣ × ٩ = ٢٧

ونڊ اُپت ٣
ونڊيندڙ ٩ ⟌ ونڊڻي ٢٧
− ٢٧
پاڇي (٠٠)

ونڊ اُپت ٣ آهي ۽ پاڇي ٠ آهي.

◉ ١٧ ڪرنجيون ٥ ڄڻن ۾ ورهايون اِها ورهاست اُڀي اڏاوت ڪري ڏيکاريو.

هتي ١٧ ÷ ٥ اِهاونڊ ڪرڻي آهي.

٥ ڄڻن ۾ ورهائڻ مطلب ٥ جو ڪوڙو لکون.

ڪل گهٽا = ونڊڻي = ١٧

گهڻن ڄڻن ۾ ورهائڻ ؟ ونڊيندڙ = ٥

هرهڪ کي گهٽيون ڪرنجيون مليون = ونڊ اُپت ٣

گهٽيون ڪرنجيون پاڇي بچيون = پاڇي ٢

١×٥ =
٢×١٠ =
٣×١٥ =
٤×٢٠ =
پر ١٧ < ٢٠

ونڊ اُپت ٣
ونڊيندڙ ٥) ١٧ ونڊڻي
-١٥
پاڇي ٠٢

## اَڀياس

◉ ونڊ ڪريو.

| | |
|---|---|
| (١) ٤٢ ÷ ٦    ٦) ٤٢<br>ڪل گهٽا = ٤٢<br>گهڻن ڄڻن جي ورهاست = ٦<br>هرهڪ کي گهٽا = ......<br>پاڇي = ...... | (٥) ٦٣ ÷ ٧    ٧) ٦٣<br>ڪل گهٽا = ......<br>گهڻن جو گروپ = ......<br>ڪل گهٽا گروپ = ......<br>پاڇي = ...... |
| (٣) ٣٦ ÷ ٤    ٤) ٣٦<br>ڪل گهٽا (ونڊڻي) = ......<br>گهڻن جو گروپ (ونڊيندڙ) = ......<br>ڪل گهٽا گروپ (ونڊ اُپت) = ......<br>پاڇي = ...... | (٧) ٧٢ ÷ ٩    ٩) ٧٢<br>ڪل گهٽا (ونڊڻي) = ......<br>هڪ گروپ ۾ گهٽا (ونڊيندڙ) = ......<br>ڪل گهٽا گروپ (ونڊ اُپت) = ......<br>پاڇي = ...... |
| (٤) ٤٥ ÷ ٥<br>ڪل گهٽا (ونڊڻي) = ......<br>هڪ گروپ ۾ شيون (ونڊيندڙ) = ......<br>ڪل گهٽا گروپ (ونڊ اُپت) = ......<br>پاڇي = ...... | (٨) ٥٠ ÷ ١٠<br>ڪل گهٽا (ونڊڻي) = ......<br>ڪُل گهڻن ڄڻن ۾ (ونڊيندڙ) = ......<br>هرهڪ کي گهٽا (ونڊ اُپت) = ......<br>پاڇي = ...... |

ناني ۽ وٽ ٧٥ روپيا آهن. اُهي ٥ ڄڻن ۾ برابر ورهائڻا آهن. اِنڪري ٧٥÷٥ اِها ونڊ ڪيئن ڪبي، اُهو ڏسو.

٥) ٧٥

هتي ٧٥ ونڊڻي ۽ ونڊيندڙ ٥ آهي.

ونڊڻي ٧٥=٧ڏ+٥اي پهريائين ٧ ڏهاڪا پنجن ڄڻن ۾ ورهايو.

• ٦٤ روپيا ٣ ڄڻن ۾ برابر ورهائڻا آهن. ونڊ اَڏاوت ۾ ڪري ڏيکاريو.
• ٦ ڏهاڪا ٽن ڄڻن ۾ ورهائڻ لاءِ ٣ جو ڪوڙو پڙهو. ٢ ٽي ڇهه ٦
٦ ڏهاڪن مان ٦ ڏهاڪا ڪٽ ڪيا. پڙي بچي، اُها هيٺ لکو ٤
ايڪن کي ٣ سان ونڊ ڪريو. ونڊ اُپت ۾ ايڪن جي جاءِ تي ١ لکو.
• ١ = ٤ - ٣ مطلب ونڊ اُپت ٢١ ۽ پاڇي ٣.

٣ ) ٦٤ = ٢١
- ٦
٠٤
- ٠٣
٠١

٣ ) ٦٤ = ٢
- ٦
٠٤

## اَڀياس

**(١) ونڊڻي، ونڊيندڙ، ونڊاُپت ۽ پاڇي لکو.**

◉ ٤ ) ٤٨ ◉ ٥ ) ٥٥ ◉ ٣ ) ٤٢ ◉ ٧ ) ٨٤ ◉ ٥ ) ٦٥ ◉ ٢ ) ٨٦

**(٢) ونڊ ڪريو ۽ پاڇي لکو.**

◉ ٣١ ÷ ٢ ◉ ٤٣ ÷ ٣ ◉ ٦٩ ÷ ٦ ◉ ٩٨ ÷ ٨ ◉ ٩٢ ÷ ٩ ◉ ٦٧ ÷ ٣

**(٣) سَوَرا ڏياريءَ ۾ وڪڻڻ لاءِ ٩٦ ڏيئا سجايا هرهڪ ڪوکي ۾ ٦ ڏيئا ان نموني پيريا ته سيني ڏيئن کي رکڻ لاءِ هن کي ڪُل گهڻا ڪوکا لڳندا؟**

**(٤) ٨٤ ڪلوگرام چانور ٧ ڄڻن ۾ برابر ورهايا ته هرهڪ کي ڪُل گهڻا ڪلوگرام چانور ملندا؟**

### ڏاڪي ۾ ٽپا.



⊙ ڪير ڪيترا ٽپا ڏيندو، اُهو ٻڌايو ۽ لکو.

(١) ٣٠ عدد تائين پهچڻ تي ڏيڏر کي گهٽا ٽپا لڳندا؟

٢ ÷ ٣٠ = .......

(٢) ٢٧ عدد تائين پهچڻ تي ٻليءَ کي گهٽا ٽپا لڳندا؟

٣ ÷ ٢٧ = .......

(٣) ٻہ ٽپا ڏيندي ڪنگارو ڪهڙي عدد تي پهچندو؟

(۴) ١۵ اِن عدد تي ڪير ڪير پهچندو؟

(۵) سهو ٽپا ڏيندي ڇا ١٨ عدد تائين پهچندو؟

(٦) گهوڙي جو هڪ ٽپو سهي جي گهٽن ٽپن برابر آهي؟

(٧) ڪنگاروءَ جي هڪ ٽپي ۾ ڏيڏر گهٽا ٽپا ڏيندو.

(٨) ڏيڏر ۽ ٻلي ٽپا ڏيڻ شروعات ڪئي، تہ پهريائين سڀني کان ننڍي ڪهڙي ساڳئي عدد تائين پهچندا؟

## ضرب - ونڊ گڏ لاڳاپو

| ضرب | | ونڊ | |
|---|---|---|---|
|  | ۴ × ٢ = ٨ |  | ٢ ÷ ٨ = ۴<br>۴ ÷ ٨ = ٢ |
|  | ٦ × ٣ = ١٨ |  | ٣ ÷ ١٨ = ٦<br>٦ ÷ ١٨ = ٣ |
|  | ___ × ___ = ___ |  | ___ ÷ ___ = ___<br>___ ÷ ___ = ___ |

## اَڀياس

(١) ‘٢’ جو کوڙو واپرائي ونڊ ڪريو.

⊙ ١٨ ÷ ٢ = ٩ ⊙ ١٦ ÷ ٢ = □ ⊙ ٢٠ ÷ ٢ = ١٠

⊙ ٩ × ٢ = ١٨ ⊙ □ × □ = □ ⊙ □ × □ = □

(٢) ‘٥’ جو کوڙو واپرائي ونڊ ڪريو.

⊙ ١٠ ÷ ٥ = □ ⊙ □ ÷ ٥ = ٧ ⊙ ÷ □ =

⊙ ٥ × ٢ = □ ⊙ □ × □ = □ ⊙ □ × □ = □

(٣) ‘١٠’ جو کوڙو واپرائي برابر ١٠ گروپن ۾ ورهاست ڪريو.

⊙ ٢٠ ÷ ١٠ = ٢ ⊙ ٨٠ ÷ □ = □ ⊙ □ ÷ ١٠ = □

⊙ ١٠ × ٢ = □ ⊙ □ × □ = □ ⊙ □ × □ = □

(٤) مون وٽ ٧٢ روپيا آهن اِها رقم ٨ ٻارن ۾ برابر ورهاست ڪئي ٨ ÷ ٧٢ = □
ته هرهڪ ٻار کي گهڻا روپيا ملندا؟

⊙ هرهڪ کي ٩ روپيا ڏجن ته ٧٢ روپيا گهڻن ٻارن ۾ برابر ورهائڻ؟ ٧٢ ÷ ٩ = □

⊙ هرهڪ کي ٩ روپيا ڏيڻ سان ٨ ٻارن کي ڪُل گهڻا روپيا ملندا؟ ٩ × □ = □

(٥) باغ ۾ ٩ قطارن ۾ ڪُل ٦٣ گُلن جا ٻوٽا آهن ته هرهڪ قطار ۾ گهڻا ٻوٽا؟

ڪُل وڻ □ ÷ □ = □ هرهڪ قطار ۾ وڻ ٦٣ ÷ □ = □

......... ٧ × ٩ ......... = ٦٣ ..........

(٦) ٧ بُرشن جي قيمت ٨٤ روپيا ته اَهڙي هڪ بُرش جي قيمت ڪيتري؟

٧ ÷ ٨٤ = □ روپيا

٨٤ ÷ ١٢ = □ بُرش

١٢ × ٧ = □ روپيا

هرهڪ بُرش جي قيمت □ روپيا

(٧) حل ڪريو.

⊙ ٦ ÷ ٦ = □ ⊙ ١٠ ÷ ١٠ = □ ⊙ ١٥ ÷ ١٥ = □

ڪنهن به عدد کي اُن ئي عدد سان ونڊ ڪبي ته ونڊ اُپت ١ ايندو.

ماسترن لاءِ : جُدا جُدا مثالن جي مدد سان ضرب ۽ ونڊ جو پاڻ ۾ لاڳاپو چڱيءَ طرح سمجهايو.

## ٽِ انگي عدد کي هڪ انگي عدد سان ونڊ ڪرڻ

### سمجهي وٺو.

ماميءَ کي پنهنجي مائٽن کي ڪجهه مٺائي موڪلڻي آهي. اُن لاءِ هن پيوُش کي مدد لاءِ گهرايو.



پيوش، ۱۰۸ لڏون اَسان کي ۹ ڪوکن ۾ برابر ورهائڻا آهن.



پهريائين، هرهڪ ڪوکي ۾ ۵-۵ لڏون رکون پنج نا پنچتاليهه

۵ + ۵ + ۲

۹ ) ۱۰۸
– ۴۵
۶۳
– ۴۵
۱۸
– ۱۸
۰۰



۱۰۸-۴۵=۶۳ لڏون اِنهن مان اَجا ۵-۵ لڏون ڪوکن ۾ رکون ٿا وري ۴۵ لڏون رکيا.



۶۳-۴۵=۱۸ اَجا ۲-۲ لڏون، هرهڪ دٻي ۾ رکون، مطلب سڀ لڏون برابر ڪوکن ۾ رکيا ويا.

مامي : هرهڪ ڪوکي ۾ ۵+۵+۲=۱۲ لڏون.

مامي : اَسان ۹÷۱۰۸ اِها ونڊ اُڀي اَڏاوت ۾ ڪريو. اُن لاءِ ۹ جو ڪوڙو مدد ڪندو.

- ۱۰ سَوَ ۹ ڇٽن ۾ نـه ورهائي سگهبو. اِن ڪري ونڊ اُبتر سوَن جي جاءِ تي ٻڙي لکو.

۰
۹ ) ۱۰۸
– ۰
۱

- هڪ سوَ ۱۰ ڏهاڪا

۰
۹ ) ۱۰۸
– ۰↓
۱۰

- ۱۰ ڏهاڪا ۹ ڇٽن ۾ برابر ورهائڻ کان پوءِ هرهڪ کي هڪ ڏهاڪو ملندو اِن ڪري ونڊ اُپت ۾ ڏهاڪن جي جاءِ تي ۱ لکبو.
- ۱۰ ڏهاڪن مان ۹ ڏهاڪا ورهائڻ کان پوءِ ڪٽ ڪرڻ تي ۱ ڏهاڪو بچندو.

۰۱
۹ ) ۱۰۸
– ۰↓
۱۰
– ۹
۱۸

- ۱ ڏهاڪو ۽ ۸ ايڪا ملائي ۱۸ ايڪا.
- ۱۸ ايڪا ۹ ڇٽن ۾ ورهائڻ تـه هرهڪ جاءِ تي ۲ ايڪا ملندا. اِن ڪري ونڊ اُپت ۾ ايڪن واري جاءِ تي ۲ لکبا.
- ۱۸ – ۱۸ = ۰ پاڇي بچي، ونڊ اُپت ۱۲ آيو.
- ۱۰۸ ÷ ۹ = ۱۲

۰۱۲
۹ ) ۱۰۸
– ۰
۱۰
– ۹
۱۸
– ۱۸
۰۰

ماسترن لاءِ : ونڊ ڪرڻ مهل 'ٻڙي' جي ونڊ ڪئي تـه ٻڙي ونڊ اُپت ۾ مناسب جاءِ تي لکايو اِهو جُدا جُدا مثالن ذريعي سمجهايو.

مون وٽ ١٠٠ روپين جا ٣ نوٽ، ١٠ روپين جا ٦ نوٽ ۽ ١ روپئي جا ۴ سڪا آهن. اِهي ٣٦۴ روپيا ٨ ڄڻن ۾ برابر ورهايون.

مٿيون مثال اسان ونڊ ڪري حل ڪنداسين.

- هتي سو جا ٣ نوٽ ۴ ڄڻن ۾ برابر ورهائي نہ سگهبا، اِنڪري سَوَن جي جاءِ تي ٠ لکبي.

  ۴ ) ٣٦۴ ( ٠
  − ٠
  ٣

- ٣٠ سَوَ = ٣٠ ڏهاڪا (١٠ روپين جا ٣٠ نوٽ) هاڻي ٣٠ نوٽ ۽ ٻيا ٦ نوٽ اَهڙي نموني ١٠ روپين جا ٣٦ نوٽ ٿيا.
- اُنهن ۴ ڄڻن ۾ ورهائڻ سان هرهڪ کي ٩ نوٽ ملندا اِنڪري ڏهاڪن واري جڳهہ تي ٩ لکبا.

  ۴ ) ٣٦۴ ( ٠٩
  − ٠
  ٣٦
  − ٣٦
  ٠٠

- اَسان وٽ ١ روپئي جا ۴ سڪا آهن اِهي ۴ روپيا ۴ ڄڻن ۾ برابر ورهائبا تہ ايڪن واري جاءِ تي ١ لکبو. باقي ٻڙي بچندي. ٣٦۴ روپيا ۴ ڄڻن ۾ برابر ورهائڻ سان هرهڪ کي ٩١ روپيا ملندا.

  ۴ ) ٣٦۴ ( ٠٩١
  − ٠
  ٣٦
  − ٣٦
  ٠٠۴
  − ۴
  ٠٠

## اَڀياس

◉ حل ڪريو.

(١) ۴ ÷ ۷۴ (٢) ۴۷ ÷ ٦ (٣) ٨٠ ÷ ۷ (۴) ٢٠٠ ÷ ٨

(۵) ٨٠٢ ÷ ٩ (٦) ٨٢۵ ÷ ۵ (۷) ٣١۵ ÷ ٣ (٨) ٢١٦ ÷ ٢

◉ حل ڪريو.

(١) راجيش وٽ ١٠۴ گُل آهن. هن ٨ گُلن جو هڪ هار ٺاهيو تہ هن ڪُل ڪيترا هار تيار ڪيا؟

(٢) آڪاش سمنڊ ڪناري ١٢٣ سپون جمع ڪيون هن اِهي سپون ٣ برتنن ۾ برابر ڀريون تہ هرهڪ برتنءِ ۾ ڪيتريون سپون ؟

(٣) شيتل وٽ ١۵٠ صفحن جو ڪتاب آهي. هوءَ هرروز ٦ صفحا پڙهندي آهي تہ هن کي سڄو ڪتاب پڙهڻ ۾ ڪيترا ڏينهن لڳندا؟

(۴) هڪ دوڪاندار وٽ ٢۷٩ صوُف آهن هو هرهڪ ڪوکي ۾ ٩ صوف ڀري ٿو تہ هن کي اَهڙا ڪُل ڪيترا ڪوکا لڳندا.

(۵) هڪ لئبرري ۾ ۵٠۴ ڪتاب آهن، هرهڪ خاني ۾ ٦ ڪتاب رکيا آهن تہ ڪُل ڪيترا خانا ڪپندا؟

(٦) هڪ کير جمع ڪندڙ مرڪز تي ۴٣٠ ليٽر کير جمع ٿيو تہ ١ ليٽر کير جون ٿيلهيون ڀرڻ سان اَهڙيون ڪيتريون ٿيلهيون ڪپنديون؟

ماسترن لاءِ : ونڊ ڪرڻ ۾ ونڊيندڙ جي وڏ ۾ وڏ ونڊئيءَ مان ڪٽ ڪرڻي آهي هر دفعي ايندڙ پاڇي ونڊيندڙ کان ننڍي هوندي آهي. وڏي عددن ۾ ونڊ ڪرڻ مهل ڄڏهن ڏهن تائين ڪوڙو پورو نہ پوندو آهي اُن وقت اِهو طريقو ڪم ايندو آهي.

## ٻُڙيءَ سان ونڊ ڪرڻ

**سمجهي وٺو.**



ماءُ، اسان ٽنهي کي کائڻ لاءِ لڏون ڏي.



دٻي مان لڏون ڪڍ.



دٻي ۾ هڪ به لڏون نه آهي.
دٻو خالي آهي.



مطلب ڪنهن کي به لڏون نه ملندو. ڪجهه به نه مطلب ٻُڙي.

٠ کي ٣ سان ونڊ ڪرڻ ⟵ ٠ ÷ ٣ = ٠

٧) ٠ (٠
_ ٠
٠

٦) ٠ (٠
_ ٠
٠

٠ کي ٨ سان ونڊ برابر ⟵ ٠ ÷ ٨ = ٠
٠ کي ٩ سان ونڊ برابر ⟵ ٠ ÷ ٩ = ٠

**مونکي سمجهايو.**

ٻُڙيءَ کي ڪنهن به غير ٻُڙيءَ عدد سان ونڊ ڪرڻ تہ ونڊ اُپت ٻُڙي ايندو.

**سمجهي وٺو.**

◉ ٩٠ ÷ ٩ اِها ونڊ ڪريو.

٩) ٩٠ (١
_ ٩
٠

اِها ونڊ ڪرڻ کان اَڳ توهان جواب جو اندازو لڳايو (جيئن ٩ ڍَڪڻن جا ٩ برابر حصا مطلب هرهڪ کي ١ ڍَڪڻ)
پهريائين ڏهاڪن جي برابر ورهاست ڪريو. هرهڪ کي ١ ڏهاڪو ملندو.

٩) ٩٠ (١٠
_ ٩ ↓
٠٠
_ ٠
٠٠

هاڻي ٠ ايڪا، ٩ ڄڻن ۾ ورهائڻا آهي ٻُڙيءَ کي ونڊ ڪرڻ سان جواب ٻُڙي ئي ايندو. اِنڪري ونڊ اُپت ۾ ايڪن واري جاءِ تي ٠ لکبي.
اِنڪري ٩٠ شيون ٩ ڄڻن ۾ برابر ورهائڻ سان، هرهڪ کي ١٠ شيون ملنديون.

ماسترن لاءِ : ونڊ ڪرڻ ۾ مثالن مان جواب جو اندازو لڳائڻ جي بابت اَڀياس ڪرايو.

(۱) حل ڪريو.

⊙ ۷۰ ÷ ۷ ⊙ ۱۲۰ ÷ ۸ ⊙ ۱۸۰ ÷ ۹ ⊙ ٦۰۰ ÷ ٦ ⊙ ۱۵۰ ÷ ۵

(۲) ڏنل ڄاڻ موجب ونڊ جا لفظي مثال تيار ڪريو ۽ حل ڪريو.

⊙ ۴۲ ميوا، ٦ ٻار.
⊙ ٦۴ ڪاپيون، ۸ ٻار.
⊙ ۱۲۰ انب، ۸ ڪوڪا.
⊙ ۷۵ ليٽر تيل، ۵ دٻا.
⊙ هڪ ڪتاب ۾ ۲۳۸ صفحا، هرروز ۷ صفحا پڙهڻ.
⊙ ۹٦ روپيا، ٦ ڇوڪريون.
⊙ ٽانڪيءَ ۾ ۵۲۵ ليٽر پاڻي. هرهڪ بالٽي ۾ ۵ ليٽر
⊙ ۸۰۰ روپيا، ۵ رانديڪا.

## حسابن ۾ مزو.

(۱) يش کي ۱۰۰ روپين ۾ ۱۰۰ رانديڪا خريد ڪرڻا آهن. هُن کي ڪيتري قسم جا گھڻا پڪين جا رانديڪا ملندا، اِن لاءِ توهان هن کي مدد ڪريو.

شرط – ۱۰۰ روپين ۾ ۱۰۰ پڪين جا رانديڪا خريد ڪرڻا آهن.

| رانديڪن جو اگھ |
| --- |
| ₹ ۱ روپئي ۴۰ جهرڪيون |
| ₹ ۳ ر ۾ ۱ ڪبوتر |
| ₹ ۵ ر ۾ ۱ طوطو |

(۲) هڪ دفعو هڪ ٻليءَ کي ننڍا ميٽا نظر آيا.



- جيڪڏهن هرهڪ ميٽبتي جي هڪ ٻلي ويني ته سيني ٻلين مان هڪ ٻليءَ لاءِ ميٽو نه ٿو بچي.



- جيڪڏهن هرهڪ ميٽتي تي ٻه ٻليون ويهن ٿيون ته هڪ ميٽتو خالي رهندو ته گھٽيون ٻليون آهن ۽ گھٽا ميٽا آهن؟

# ١٠ شڪلين جو مزو (ڳوڙا) ۽ ٽماپي شڪليون

## مشغولي ڪريو.

◉ هرهڪ ٽِماپي شڪل جي هڪ مٿاڇري تي رنگ ڪٽو يا ڪاغذ چپڪايو.








..................


مستطيل


..................


..................

◉ جاچيو ۽ هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| ٽِماپي شڪل | سنئين مٿاڇرن جو عدد | وريل مٿاڇرن جو عدد | ٽماپي شڪل جو نالو |
|---|---|---|---|
|  | .................... | .................... | ڪعب |
|  | .................... | .................... | |
|  | .................... | .................... | |
|  | .................... | .................... | |
|  | .................... | .................... | |



## ڪري ڏسو.

◉ ماچيس جي تيلين جو اِستعمال ڪري پريا، مهيش ۽ اڪشتا جُدا جُدا آڪار تيار ڪن ٿا. اُنهن جا پاسا، ڪنڊون، نوڪي ٽِڪا اِنهن جي خاصيتن بابت چرچا ڪن ٿا.





ٽن ماچيسن جي تيلين مان هڪ بند شڪل تيار ڪريو.



اِهو ٽه ڪنڊو تيار ٿيو.



ٽڪنڊي کي ٽي ڪنڊون، ٽي پاسا ۽ ٽي نوڪي ٽِڪا آهن.

ماچيس جون تيليون هڪ - هڪ وڌائي ڪهڙيون شڪليون تيار ٿين ٿيون، اُهو ڏسون اُنهن ۾ ڪنڊون، نوڪي ٽِڪا ۽ پاسا اِنهن بابت چرچا ڪريو.

چوڪنڊو



ڪُنڊن جو عدد= ٤

پاسن جو عدد= ......

نوڪي ٽُڪن جو عدد = ......

پنج ڪُنڊو



ڪُنڊن جو عدد=......

پاسن جو عدد = ٥

نوڪي ٽُڪن جو عدد = ......

ڇهڪُنڊو



ڪُنڊن جو عدد= ......

پاسن جو عدد= ......

نوڪي ٽُڪن جو عدد = ٦

سَتڪُنڊو



ڪُنڊن جو عدد= ......

پاسن جو عدد= ......

نوڪي ٽُڪن جو عدد = ٧

اَٺ ڪُنڊو



ڪُنڊن جو عدد= ......

پاسن جو عدد= ......

نوڪي ٽُڪن جو عدد = ......

نَوَ پاسا ۽ نَوَ ڪُنڊون هوندڙ شڪل ڪيئن ڪڍبي؟ ويچار ڪريو ۽ اُن نموني ڪاپيءَ ۾ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريو.

متي ڏنل ڇئن کان وڌيڪ پاسا هوندڙ شڪلين جا نالا لکو.

.................................

.................................

.................................

.................................

## ٽِماپي شڪلين مان ٻہ ماپي شڪل سُڃاڻڻ

ماستر مينا، شيانگي ۽ وشال کي ڪجھ خالي ڪوڪا ڪولڻ لاءِ ڏنا اُھي ڪوڪا ڪولڻ ڪان پوءِ ملندڙ شڪل جاچڻ لاءِ چيو.




ڪوڪا ڪولڻ ڪان پوءِ ھيٺ نظر ايندڙ ٻہ ماپي شڪلين جا نالا اُنھن جي ھيٺان لکو.



.......... چورس .......... | .......................... | ..........................

.......... مستطيل .......... | .......................... | ..........................




متي نظر ايندڙ شڪل موجب ھڪ مستطيل آڪار وارو ڪاغذ ڪٽو. ھاڻي آمھون سامھون ڪاغذ ڪٽو. ھاڻي آمھون سامھون ڪنار ھڪ ٻئي متان جوڙڻ لاءِ ڪاغذ متي ڏيکاريل نموني وچ ۾ موڙيو مطلب وڏيڪ ڊيگھ ھوندڙ ڪنار سامھون ڪنارين سان بلڪل ملي ٿو. اِن نموني گھٽ ڊيگھ ھوندڙ ڪنار سامھون واري ڪنار سان بلڪل ملايو. مستطيل جي سامھون وارن ڪنارين ساڳي ڊيگھ واريون ھونديون آھن.

ماسترن لاءِ : موڙيندڙ شڪلين جون خاصيتون شاگردن کي ٻڌائي چرچا ڪرايو.

# چورس



مٿي ڏيکاريل نموني چورس آڪار ڪاغذ جي جاچ ڪريو.

ڪاغذ کي مستطيل وانگر آڏو ۽ اُڀو موڙي آمهون سامهون وارا ڪنار ساڳيءَ ڏيگهه جا آهن ڇا، اُهو ڏسو.

هاڻي ڪاغذ جي آمهون- سامهون ڪُنڊون هڪ ٻئي سان ملايو اِهو ڏسڻ لاءِ چٽر ۾ ڏيکاريل نموني موڙيو. مطلب چورس چار ئي ڪنارون ساڳي ڏيگهه جون هونديون آهن.

# ٽڪُنڊو

ٽڪنڊي ۾ گهٽيون ڪنارون؟ ☐ ٽڪنڊي ۾ گهٽيون ڪُنڊون؟ ☐



آس پاس توهان کي ٽڪنڊي - آڪار ڪٿي ڪٿي نظر ايندو آهي، اُهو ڳولهيو ماچيس جي تيلين ۽ تمام سنهڙي رٻڙ جي نلي واپرائي چوڪنڊو، چورس، مستطيل ۽ ٽڪنڊو تيار ڪريو.

◉ هيٺ چٽر ۾ ڏنل جُدا جُدا شڪليون سُڃاڻو ۽ شڪل موجب رنگ ڀري چٽر وٽندڙ بڻايو.



ماسترن لاءِ : حسابي پيٽي سامگري جو اِستعمال ڪري شاگردن کي چوڪنڊو، مستطيل، چورس، ٽڪنڊو تيار ڪرايو.

توهان جي اِسڪول ۾ يا آس پاس هيٺيان آڪار نظر ايندا آهن ڇا؟ اُنهن کي جاچيو.



آس پاس نظر ايندڙ اِنهن کان سولو اَڃا جُدا جُدا آڪارن بابت پنهنجي دوستن سان چرچا ڪريو.



**حسابي مزو.**

مثال : چورس جي هڪ ڪنڊ تي موڙيو تہ پنج ڪُنڊو تيار ٿيندو.

هڪ چورس شڪل ڪاغذ ڪٽي اُن جي ڪنڊن کي هڪ هڪ هنڌ موڙي ڏسو ڪهڙيون شڪليون تيار ٿين ٿيون اُهي جاچيو.



- ٻہ اُبتڙ ڪنڊون ملائڻ سان ڪهڙي شڪل تيار ٿئي ٿي؟
- اِن نموني ٽي يا چار دفعا موڙي ڪهڙي شڪل تيار ٿئي ٿي اِن بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.
- اَڳتي شڪلين جهڙيون توهان جي آس پاس ڏسندڙ شين جا نالا لکو.







| گول | ٽڪنڊو | چورس | مستطيل |
|---|---|---|---|
| چوڙا | .............. | .............. | .............. |
| .............. | .............. | .............. | .............. |
| .............. | .............. | .............. | .............. |
| .............. | .............. | .............. | .............. |
| .............. | .............. | .............. | .............. |












## حل ڪريو.

(۱) هيٺ ڏنل چتر ۾ نظر ايندڙ جُدا جُدا شڪلين جو اِستعمال ڪري توهان پنهنجي پسند جو چتر تيار ڪريو.



جيئو  بورڊ تي ربڙ جي مدد سان تيار ڪيل چتر



منهنجو تيار ڪيل منهنجي پسند جو چتر

(۲) سورج، مهيش ۽ احمد جُدا جُدا شڪلين جي مثاچرن جو اِستعمال ڪري ڪجهه چتر ڪڍيا آهن. اِهڙا ڪجهه چتر توهان پنهنجي ڪاپي ۾ ڪڍو.



### حسابي پروليون

(۱) ماچيس جي تيلين مان هيٺ ڪجهه چتر تيار ڪيل آهن اُنهن ۾ ۵ تيليون ڪڍي تي چورس بچن، اَهڙي رچنا ڪريو.





## ڪري ڏسو.

⦿ چورس ۾ ٻن ٽڪنڊن جو اِستعمال ڪري مستطيل تيار ڪريو.



چورس



ٽڪنڊو

مستطيل

⦿ مستطيل ۾ ٻه ٽڪنڊا اِستعمال ڪري ڇهڪُنڊو تيار ڪريو.



مستطيل



ٽڪنڊو

ڇهڪُنڊو



## ويچار ڪريو.

⦿ حسابي پيٽيءَ ۾ ٽئنگرام ۾ جُدا جُدا شڪليون جوڙي ڪهڙيون شڪليون تيار ٿينديون آهن.

- هڪ چورس ۾ هڪ ٽڪنڊو.
- هڪ چورس ۾ ٻه ٽڪنڊا.

⦿ ڏنل ٽُڪر واپرائي اڌورو ٽئنگرام پورو ڪريو.



پنجن ٽُڪرن جو ٽئنگرام.

# اَڀياس

(١) ڏنل چٽرن ۾ ڪهڙين شڪلين جو اِستعمال ٿيل آهي؟ اُهي لکو.

وارلي پينٽنگ



ڪرڪيٽ راند جو ميدان



ڪبڏيءَ جو ميدان



(٢) جاچ ڪري ڏنل نقش پورا ڪريو.





(٣) هيٺ ڏنل شڪل ۾ هڪ ليڪ اَهڙي نموني ڪڍو جيئن ٽي ٽڪنڊا تيار ٿين.



(٤) هيٺ ڏنل شڪل ۾ ٢ ليڪون اَهڙي نموني ڪڍو، جئن هڪ چورس ۽ ٻه ٽڪنڊا تيار ٿين.





## چرچا ڪريو.

هيٺ ڏنل شڪلين ۾ ڪهڙيون به به شڪليون ڪٺي اُنهن ۾ هڪ جهڙيون ۽ فرق واريون، اِنهن ڳالهين تي چرچا ڪريو.



**(۵) تختو پورو ڪريو.**

هيٺ ڏنل اکر اُڀا، آڏا ۽ ٽيڙا ۽ وريل ليڪن ۾ تيار ٿيل آهن.

اِنهن اکرن ۾ جيڪا ليڪ اِستعمال ٿيل آهي، اُن هيٺيان ✓ اهڙو نشان ڪريو.

| اکر | آڏي ليڪ | اُڀي ليڪ | ٽيڙي ليڪ | وريل ليڪ |
|---|---|---|---|---|
| M | | ✓ | ✓ | |
| Q | | | | ✓ |
| L | | | | |
| ب | | | | |
| ح | | | | |
| ک | | | | |

**(٦) رنگولي جي ڪابي پاسي جاچيو ۽ رنگولي پوري ڪريو.**



اِن شڪل ۾ ڪيڏيل هڪ جهڙين شڪلين کي ساڳيو ئي رنگ ڀري رنگولي کي سندر ۽ وڻندڙ بڻايو.

**ماسترن لاءِ :** حسابي پيٽيءَ ۾ به ماپي ۽ ٽ ماپي شڪليون شاگردن کي هٿن ۾ ڏيئي اُنهن جي خاصيتن جي ڪلاس ۾ چرچا ڪرايو.

# ڪُنڊ

## سمجهي وٺو.



متي ڏنل چترن کي جاچڻ مان اِهو ڏيان اَچي ٿو تہ بہ ڪنارون يا بہ ليڪون هڪ ٻئي کي وٽ جڏهن ملن ٿيون تہ اُتي ڪنڊ تيار ٿئي ٿي اهڙي نموني تيار ٿيل ڪنڊ توهان کي توهان جي آس پاس، اِسڪول ۾ ڪٿي ڪيئن نظر ايندي آهي، اُهو ڳولهيون

## مشغولي پوري ڪريو.

نَگما، انيل ۽ دڪشا ڪاغذي پٽيون اِستعمال ڪري ڦُهمائين ٿيون تہ هيٺ ڏنل نموني ڪندون تيار ٿين ٿيون.



چورس ڪُنڊ — چورس کان ننڍي — چورس کان وڏي ڪنڊ



(۱) شطرنج جي بورڊ تي سڀ ڪندون چورس ڪندون آهن ڇا؟

----------------------------

----------------------------

(۲) مستطيل تي سڀ ڪندون چورس ڪندون آهن ڇا؟

----------------------------

----------------------------

(۳) هن ٽڪُنڊي ۾ گهٽيون ڪُنڊون آهن؟

----------------------------

----------------------------

**ماسترن لاءِ :** ڪلاس جو دروازو کولڻ ۽ بند ڪرڻ جي مشغولي ڪلاس ۾ جوڙن يا گروپ ۾ ڪرايو. تيار ٿيل ڪندون چورس جهڙيون يا چورس ڪندن کان گهٽ يا چورس ڪندن کان وڏيون آهن ڇا، اِهو سُڃاڻڻ جو موقعو ڏيو. هٿن ۾ ڪنڊ جو آزمودو ڪرايو ۽ سڃاڻڻ لاءِ چئو. يوگ آسن حوالي اِها مشغولي ڪرائي سگهجي ٿي.

# اَڀياس

⊙ ڪاغذي پيٽين مان توهان جا تيار ڪيل چورس ڪندن واپرائي هيٺ ڏنل جن شڪلين ۾ چورس ڪندون هجن، اُنهن ڪندن لاءِ ✓ اِها نشاني ڪريو چورس ڪندن کان ننڍين ڪندن لاءِ ● وڏين ڪندن لاءِ ✻ اِها نشاني ڪريو.



⊙ هيٺ ڏنل شڪل ڏسي، اُن ۾ ڪندن جو مناسب عدد لکو.



(۱) چورس ڪندون گهٽيون آهن؟ ☐

(۲) چورس ڪندن کان ننڍيون ڪندون گهٽيون آهن؟ ☐

(۳) چورس ڪندن کان وڏيون ڪندون گهٽيون آهن؟ ☐

## مشغولي پوري ڪريو.

جيئو بورڊ مٿان ٽڪن جي نوڙي يا ربڙ جوڙي چورس، مستطيل، ٽڪندو پنج ڪُندو وغيره تيار ڪريو.



ماسترن لاءِ : جيئو بورڊ جو اِستعمال ڪرايو.

# سمٽا



مٿي ڏنل چِٽر جاچيو. ڪاٻي پاسي ۽ ساڄي پاسي ڪهڙيون شيون هڪ جهڙيون نظر اَچن ٿيون، اُنهن تي چرچا ڪريو.




## سمجهي وٺو.

### شڪلين ۾ هڪجهڙائي

ڏياريءَ ۾ فانوس ٺاهڻ لاءِ ٻارن رنگين ڪاغذ آندو. اُنهن اُهو جُدا جُدا شڪلين ۾ ڪپيو. اُن ۾ هڪ مستطيل شڪل ڪاغذ کي اَهڙي نموني موڙڻ ڪان پوءِ ٻئي حصا هڪ ٻئي سان بلڪل ملن ٿا مطلب اها شڪل اُنهن ليڪن حوالي هڪ جهڙي آهي.

## چرچا ڪريو.

مستطيل شڪل ڪاغذ کي اهڙي نموني موڙيو ته ٻه حصا پاڻ ۾ بلڪل ملن ٿا ڇا؟



جنهن شڪل ۾ هڪ ليڪ ڪري ٻه برابر حصا هوندا آهن. اُها شڪل سمٽا شڪل هوندي آهي ۽ اُن ليڪ کي سمٽا جو محور چئبو.

ماسترن لاءِ : شاگردن کي سمٽا - اسمٽا شڪليون تيار ڪرڻ لاءِ چيو.

## ڪري ڏسو.

(١) هيٺ ڏنل شڪليون ڪاغذ تي ڪڍو ۽ ڪنارون ڪپيو ۽ سمٽا ڳولهيو.



(٢) اَڳتي هرهڪ شڪل مٿان ٽريس پيپر رکي اِسڪيچ ڪڍي ڪنار کي ڪپيو. موڙي اِنهن شڪلين ۾ سمٽا ڳولهيو موڙڻ کان پوءِ جيڪي شڪليون هڪ ٻئي سان بلڪل ملي نه ٿيون اَچن، اَهڙين شڪلين کي جُدا ڪري رکو. اُهي شڪليون سمٽا واريون نه آهن اِهو ڌيان ۾ رکو.



(٣) نئين سال جي شُڀ موقعي تي اسان کي جُدا جُدا قسمن جا شڀ اِڇائن جا ڪارڊ ملندا آهن ڪجهه شُڀ اِڇائن جي ڪارڊن مٿان شڪليون ڏنل آهن اُهي سمٽا واريون ٻڌجن، مناسب جڳهه محور ڪڍو (اَهڙو ڪو شُڀ اِڇائن جو ڪارڊ تيار ڪريو.)



(٤) سمٽا خاصيت اِستعمال ڪري، رنگين ڪاغذ واپرائي مُکوٽا تيار ڪريو.



(٥) آس پاس وڻن جا پن جاچيو ۽ اُنهن ۾ سمٽا ڳولهيو.

(٦) هيٺ ڏنل پنن ۾ سمٽا محور ڳولهي اُهي پن/ پينسل سان ڪڍو.





**ماسترن لاءِ :** ٻارن کي اُنهن جي ماحول ۾ سمٽا واريون ۽ اَسمٽا واريون شڪليون، اُنهن ۾ فرق جو آزمودو وٺڻ لاءِ همٿايو، اُنهن کي پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيو. جُدا جُدا ڏڻ ملهائڻ، جُدا جُدا موقعن تي سجاوت ڪرڻ ۾ اِهي سونهن جي خيال کان اِهي وڻندڙ ٿيندا آهن. اِنڪري سمٽا تمام ڪارائتي آهي. اِن وشيه بابت شاگردن کي آزمودو ڏيو.

◉ ٽُپڪن وارو ڪاغذ واپرائي سمتا واري شڪل ڪيڻ.

(١) ڏنل ليڪ سمتا محور هئڻ لاءِ شڪل پوري ڪريو.



(٢) ڏنل سمتا محور ٻئي پاسي چتر پوري ڪري، اُهو چتر ڪهڙو تيار ٿيو آهي، اُهو سڃاڻو ۽ چتر پورو ڪريو.



## ڪري ڏسو.

◉ گهڙيال جي ڪانٽن جي طرف (ڪلاڪ وائيز) سمتا شڪل گُهمائي ڏسو.





ڪلاڪ وائيز



ماسترن لاءِ : مهاراشٽر ۾ رنگوليءَ جو اِستعمال ڏٽن، اُتسؤن اهڙن موقعن تي سجاوت ۾ ڪيو ويندو آهي. تامل ناڊو راجيہ ۾ پڻ اِها روايتن ڪولم اِن نموني، بنگال ۾ اِن کي اَلپنا نالي سان ملهايو ويندو آهي. اِن جو اِستعمال اَسان کي نقش ڪيڻ ۾، سلسلو ناهڻ ۾ ۽ ميلاپ ۾، سمتا اَڀياس ڪرڻ ۾ ڪيو ويندو آهي. اِهو چڱيءَ طرح سمجهايو. پنهنجي سنسڪرتي ساندڻ ۾ ٻين جي سنسڪرتيءَ جو پڻ آدر ڪرڻ گهرجي. اِها ڄاڻ شاگردن کي ڏيو حسابن کان سواءِ ٻين وشين سان لاڳاپو سمجهايو. پراچين وقت ۾ مندر، مسجدون، چرچ، وهار، اِنهن ۾ اهڙي قسم  جون ڪلائون ليڄن ٿيون اُنهن مان اِها ڪلا هزارين سال اَڳ  موجود هئي اِها ڄاڻ شاگردن کي ڏيو. تاج محل، بيبي جو مقبرو، مهاراشٽر جا مشهور غفائون، پراچين ثبوت اِنهن جڳهين ۾ نقش ۾ وٽندڙ اهڙيون سمتا جون شڪليون ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون اَهڙي قسم جي توهان جي پسگردائيءَ ۾ سمتا جا مثال ڳڏايو. شاگردن کي اهڙا  چتر، فوٽو ڪاپيءَ تي چيڪائڻ لاءِ چئو.

◉ گهڙيال جي ڪانٽن جي اُبتڙ طرف سمتا (ائنٽي ڪلاڪ وائيز) گُهمائي ڏسو.







ائنٽي ڪلاڪ وائيز



مونکي سمجهه ۾ آيو.

گهڙيال جي ڪانٽن طرف يا اُبتڙ طرف سمتا شڪل گهمڻ تي، اُن شڪل ۾ تبديل نه ٿيندي آهي.

## اَڀياس

(۱) هيٺ ڏنل شڪليون جاچيو، اُهي شڪليون سمتا واريون هئڻ لاءِ حصا مستطيلن مان سڃاڻو. چوڪنڊي هيٺان ✓ اهڙو نشان ڪريو.

◉   

◉   



ماسترن لاءِ : گهڙيال جي ڪانٽن طرف ۽ اُبتڙ طرف گهمائڻ ۾ شيءِ جي شڪل ۾ حالت ڪيئن بدلجي ٿي اُن جو اندازو لڳائڻ اُن جو اِستعمال ڪرڻ اِهو چٽيءَ طرح سمجهايو. اِن سمتا جا روزمره زندگيءَ ۾ مثال ڏيو. جُدا جُدا اِنفرا اِسٽرڪچرن ۾ اِشتهارن ۾ اِنهن جو ڪيئن اِستعمال ٿيندو آهي، اِهو چڱيءَ طرح سمجهايو.

# ١٢ شڪل ماپ ۽ گُنجائش

### جاچيو.



متي ڏنل برتڻ پاڻيءَ سان سچا پرڻا آهن اِنهن برتڻن مان جنهن ۾ وڌ پاڻي ماپي، اُن مٿان ✓ اهڙو نشانو ڪريو.

### چرچا ڪريو.

(١) رميش هڪ برتڻ ۾ ٢٠ ساڳئي شڪلين جي ١٠ ڪٽورن سان پاڻي وڌو ۽ اُهو سڄو ڀرجي ويو.

انگها ته ساڳيو برتڻ ۴ ٽامي جي لوٽن سان پاڻيءَ سان سڄو ڀريو.

ائين ڇو ٿيو؟





- برتڻ ۾ پاڻيءَ جي جُدا جُدا آهي ڇاڪاڻ ته جُدا جُدا ساڌن اِستعمال ڪيا ويا اِن برتڻ جي گُنجائش ١٠ ڪٽورا يا ۴ ٽامي جا لوٽا آهي. هڪ ئي برتڻ ڀرڻ لاءِ جُدا جُدا برتڻ (ماپا) اِستعمال ڪيل آهن.

**گُنجائش**

### سمجهي وٺو.





ٻنهي برتڻن جي گُنجائش ۴ ٽامي جا لوٽا آهن ڪارڻ هتي ايڪو (ٽامي جو لوٽو) برابر آهي. اِن مان اِهو ڌيان ۾ اَچي ٿو ته گُنجائش ماپڻ لاءِ ڪوبه ايڪي قسم جو ساڌن واپرائبو ته ماپ ساڳي ايندي. ڏنل برتڻ ۾ ڪير به کڻڙو به ايڪو ساڌن ڪم آڻي پاڻي ڀريندو ته اُن برتڻ جي گُنجائش اُن پرماڻت ايڪي سان ساڳي رهندي.

**مونکي سمجهه ۾ آيو :**



ڪير به ماپ ڪري ته ساڳئي ماپ هئڻ لاءِ پرماڻت ايڪي جي ضرورت آهي.

**پاڻيٺ پدارٿن ماپڻ جو پرماڻت ايڪو ليٽر آهي.**

## ماپو

گوري هرروز کير واري ڪاڪا کي ماپو واپرائي کير ماپيندي ڏسندي آهي.





مون وٽ هڪ ليٽر پاڻيءَ جي بوتل آهي، اِهو پاڻي مان هڪ مگ ۾ وجهڻ سان اُهو مگ سڄو ٽم ٽار ڀرجي ٿو.

کير جي ڪٽليءَ ۾ ١٠ ليٽر کير هو مطلب ڪٽليءَ ۾ کير جو ماپو ١٠ ليٽر آهي. اُنهن مان ١ ليٽر مان پنهنجي برتڻ ۾ وڌو مطلب منهنجي برتڻ ۾ کير جو ماپو ١ ليٽر آهي.

### چرچا ڪريو.

ڪنهن بہ پدارٿن جي ماپڻ لاءِ ليٽر ماپو اِستعمال ڪبو آهي ڇا؟ چرچا ڪريو. ليٽر اِهو لفظ ڪهڙين شين جي بند پئڪيٽن، بند، ڊبن، بوتلن وغيرهہ مٿان هوندو آهي، اَهڙين شين جي لسٽ ٺاهي چرچا ڪريو.

### اندازو لڳايو.

(١) هيٺ ڏنل جملن ۾ مناسب متبدل چونڊيو.

- پيالي ۾ اندازي ١ ليٽر کان وڌيڪ / گهٽ پاڻي ماپجي ٿو.
- بالٽيءَ ۾ اندازي ١ ليٽر کان وڌيڪ / گهٽ پاڻي ماپجي ٿو.
- مگ ۾ اندازي ١ ليٽر کان وڌيڪ / گهٽ پاڻي ماپجي ٿو.



## ڪري ڏسو.

توهان پنهنجي گهر ۾ جُدا جُدا شڪلين جا ٻه برتڻ کڻو مثال هڪ ننڍو ڪٽورو، پيالو ۱ ليٽر بوتل ڀرڻ لاءِ گهٽيون ننڍيون ڪٽوريون پاڻي لڳندو؟ ۱ ليٽر جي بوتل ڀرڻ لاءِ گهڻا پيالا لڳندا؟ پهريون اندازو لڳايو. پوءِ پاڻ توهان وجهي ڏسو اِهو توهان جي اندازي موجب برابر آهي يا نه، اِها جانچ ڪريو.

| برتڻ | ۱ ليٽر بوتل | پاڻي سڄو ڀرڻ |
|---|---|---|
| | اندازي ماپ | حقيقي ماپ |
|  | | |

جن برتڻن ۾ ۱ ليٽر پاڻي ماپي ٿو اهڙن جي ياداشت ٺاهيو.



## مون کي سمجهه ۾ آيو.

گهاگهر، بالٽي، ڊرم، هانڊو، سپري يا ٻيا ڪيترا ئي برتڻ سڄا ڀرڻ لاءِ جيترو پاڻي گهرجي، اُها اُن برتڻ جي گُنجائش آهي. هڪ برتڻ ۾ ۲ ليٽر پاڻي ماپي ٿو اُن پاڻيءَ جو ماپو ۲ ليٽر آهي.



## ٻڌايو ڀلا



متي ڏنل ڪهڙي واهڻ ۾ جلائو پدارٿ جي ٽانڪيءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ ڊيزل ماپندو؟ ..................

جنهن واهڻ جي ٽانڪيءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ ڊيزل ماپي ٿو اُن واهڻ جي ٽانڪيءَ جي گُنجائش سڀني کان وڌيڪ آهي.

◉ هيٺ ڏنل چٽر جاچيو.



هڪ ليٽر — اَڌ ليٽر — پاءُ ليٽر — مُنو ليٽر

(١) هتي پهرين بوتل ۾ چار حصا ڪُوڪم شربت پريل آهي، مطلب بالٽيءَ ۾ هڪ ليٽر ڪُوڪم شربت آهي.

(٢) ٻي بوتل ۾ چئن حصن مان فقط ٻن حصن ۾ ڪُوڪم شربت پريل آهي، مطلب اِن بوتل ۾ اَڌ ليٽر ڪُوڪم شربت آهي.

(٣) ٽين بوتل ۾ فقط هڪ حصو ڪُوڪم شربت پريل آهي. مطلب اِن بوتل ۾ پاءُ ليٽر ڪُوڪ شربت پريل آهي.

(٤) چوٿين بوتل ۾ چئن حصن مان ٽي حصا ڪُوڪم شربت پريل آهي مطلب اِن بوتل ۾ مُنو ليٽر ڪُوڪم شربت آهي.

## ڪري ڏسو.

ٻه دفعا پاءُ ليٽر پاڻي ڪڍڻ سان، اُهو اڌ ليٽر پاڻي آهي.

پاءُ ليٽر ۾ اڌ ليٽر پاڻي ملائي منو ليٽر پاڻي ٿئي ٿو.

ٽي دفعا پاءُ ليٽر پاڻي ملائڻ سان منو ليٽر پاڻي ٿئي ٿو.

## مشغولي پوري ڪريو.

(١) هڪ ليٽر گُنجائش جي هڪ بوتل ڪٺو.

(٢) اُن بوتل تي ماستر جي مدد سان پاءُ، اڌ، مُنو اَهڙا نشان ڪريو.

(٣) هڪ خالي پتيلو ڪٺو.

(٤) نشان ڪيل بوتل جي مدد سان پتيلو پاڻيءَ سان ڀري اُن پتيلي جي گُنجائش لهو. اهڙي نموني جُدا جُدا برتڻ جي گنجائش لهو.

◉ پهريائين اندازو لڳايو آهي ١ ليٽر بوتل واپرائي پاڻي ڀريو. برابر هوندڙ لاءِ ✓ نشاني ڪريو .

(١) عام طور هڪ بالٽيءَ ۾ ڪيترو پاڻي ماپجي ٿو؟ / هڪ ليٽر کان وڌيڪ / گهٽ ماپجي ٿو.

(٢) عام طورهڪ مگهه ۾ ڪيترو پاڻي ماپجي ٿو؟ / اڌ ليٽر کان وڌيڪ / گهٽ ماپجي ٿو.

(٣) عام طور هڪ ٽامي جي لوٽي ۾ ڪيترو پاڻي ماپجي ٿو؟ / پاءُ ليٽر کان وڌيڪ / گهٽ ماپجي ٿو.

ماسترن لاءِ : شاگردن کان جُدا جُدا برتڻ واپرائي عملي طور پاڻي جي ماپ لهڻ جو موقعو ڏيو ۽ نتيجو ڪڍي چرچا ڪريو ۽ ١ ليٽر، اَڌ ليٽر، جا ماپا واپرائي پاڻي ماپڻ جي مشغولي ڪرايو. گُنجائش ۽ ماپو اِنهن کي چڱيءَ طرح سمجهايو اِنهن ۾ فرق سمجهايو.

# وقت ماپڻ



## سمجهي وٺو.

- مان وڏو ڪانٽو آهيان.
منهنجي نالو منٽ ڪانٽو آهي.
- مان گهڙيال ۾ منٽ ڏيکاريندو آهيان.
- مان هڪ عدد کان ٻئي عدد تائين پهچڻ تي ۵ منٽ هوندا آهن.



- مان آهيان ننڍو ڪانٽو
منهنجو نالو ڪلاڪ ڪانٽو آهي.
- مان گهڙيال ۾ ڪلاڪ ڏيکاريندو آهيان.
- مان هڪ عدد کان ٻئي عدد-پهچڻ ۾، اُهو ڪلاڪ هوندو آهي.

ڪلاڪ ڪانٽو ۲ تي ۽ منٽ ڪانٽو ۱۲ تي آهي مطلب گهڙيال ۾ ۲ وڳا آهن.
گهڙيال ۾ منٽ ڪانٽو ۱۲ کان اڳتي وڃي وري ۱۲ تائين پهچندو ته ڪُل ٦٠ منٽ ٿيندا مطلب ۱ ڪلاڪ

**گهڙيال پڙهڻ**

۱ ڪلاڪ ٦٠ منٽ، ڪلاڪ، منٽ وقت ماپڻ جا ايڪا آهن.





ماءُ، گهڻا وڳا آهن!



گهڙيال ۾ ڪلاڪ ڪانٽو ۲ کان اَڳتي مطلب ۲ وڳي چڪا پر لاڳيتن عددن وچ ۾ فرق ۵-۵ منٽ هوندو آهي. مطلب جنهن عدد تي منٽ ڪانٽو هوندو آهي. اُن عدد تائين ۵ جو ڪوڙو پڙهو هتي منٽ ڪانٽو ۴ تي آهي چار پنجاهه ويهه مطلب ۲۰ منٽ مطلب گهڙيال ۾ ۲ لڳي ۲۰ منٽ ٿيا آهن.



۳ لڳي ۱۰ منٽ



[ ] لڳي ۳۵ منٽ



۱۲ لڳي [ ] منٽ



[ ] لڳي [ ] منٽ

**ماسترن لاءِ :** شاگردن کي گهڙيال جي سڃاڻپ ڪرائي ڏيو. حسابي پيٽيءَ ۾ گهڙيال جي مدد سان ماپ ڪيئن ڪجي، اُهو چٽيءَ طرح سمجهايو، گهڙيال ۾ ڪلاڪ ڪانٽيءَ ۽ منٽ ڪانٽي جي جڳهه ڪيئن بدلجي ٿي، اُهو عملي طور ڪرايو.

## اَڀياس

(١) شوريه صبوح جو ٩.٠٠ بجي اسڪول وڃڻ لاءِ نڪتو ۽ ٩.٣٠ بجي اِسڪول پهتو.






شوريه کي اِسڪول پهچڻ ۾ ............ منٽ لڳا (اِهو توهان ڪيئن ٻڌايو؟)

(٢) هيٺ ڏنل گهڙيالن ۾ نظر ايندڙ ڪلاڪ ۽ منٽ لکو.



لڳي ☐ منٽ ☐



لڳي ☐ منٽ ☐



لڳي ☐ منٽ ☐

(٣) هيٺ ڏنل نموني توهان جي روز جي ڪمن جو وقت لکي گهڙيال ۾ ڪانٽا ڏيکاريو.

### منهنجو روزانو ڏينهن

(١) مان صبوح جو ...... بجي اُٿندو آهيان. (٢) مان صبوح جو ....... بجي سنان ڪندو آهيان.






(٣) مان...... بجي ناستو ڪندو آهيان. (٤) مان بجي......اِسڪول ويندو آهيان.






(٥) منهنجي مانيءَ جي موڪل ..... بجي ٿيندي آهي. (٦) مان اِسڪول مان ...... بجي گهر ايندو آهيان.






(٧) مان ميدان تي راند ڪرڻ لاءِ ......بجي ويندو آهيان. (٨) مان روٽي ...... بجي کائيندو آهيان.






(٩) مان آپياس ....... بجي ڪندو آهيان. (١٠) مان رات جو ...... بجي سُمهندو آهيان.






## سوا، ساڍا، پوڻا



سمجهي وٺو.


١ ڪلاڪ = ٦٠ منٽ


پاءُ ڪلاڪ = ١٥ منٽ


اڌ ڪلاڪ = ٣٠ منٽ


مُنوڪلاڪ = ٤٥ منٽ


ماسترن لاءِ: شاگردن سان گهڙيال جي ڪانٽن ۽ وقت بابت چرچا ڪريو. ڪلاڪن ۽ منٽن کي ڏسي صحيح وقت ٻڌائڻ بابت چرچا ڪريو.

| سوا | ساڍا | پوڻا |
|---|---|---|
|  |  |  |
| ڪلاڪ ڪانٽو ۱ ۽ ۲ وچ۾ آهي منٽ ڪانٽو ۳ تي آهي مطلب ۱ لڳي ۱۵ منٽ ٿيا آهن. مطلب ۱ ڪلاڪ ۽ پاءُ ڪلاڪ ٿيو. سوا هڪ ٿيو اِن کي 'سوا' ٿيو ائين چئبو آهي. | ڪلاڪ ڪانٽو ۳ ۽ ۴وچ۾ آهي منٽ ڪانٽو ٦ تي آهي مطلب ۳ لڳي ۳۰ منٽ ٿيا آهن. مطلب ۳ ڪلاڪ ۽ اڌ ڪلاڪ ٿيو. مطلب 'ساڍا ٽي' ٿيا ائين چئبو آهي. | ڪلاڪ ڪانٽو ۱ ۽ ۲ وچ۾ آهي منٽ ڪانٽو ۹ تي آهي مطلب ۱ لڳي ۴۵ منٽ ٿيا آهن. مطلب ۱ ڪلاڪ ۽ ٽِنو ڪلاڪ ٿيو. مطلب ٻن ڪان ۱۵ منٽ گهٽ آهي. اِنکي 'پوڻا ٻہ' ٿيا ائين چئبو آهي. |
| ۱ لڳي ۱۵ منٽ = سوا<br>۲ لڳي ۱۵ منٽ = سوا ٻہ<br>۴ لڳي ۱۵ منٽ = .........<br>۱۰ لڳي ۱۵ منٽ = ........ | ۱ لڳي ۳۰ منٽ = ڏيڍ<br>۲ لڳي ۳۰ منٽ = اڍائي<br>۵ لڳي ۳۰ منٽ = ساڍي پنج<br>۱۱ لڳي ۳۰ منٽ = ........<br>۷ لڳي ۳۰ منٽ = | ۳ لڳي ۴۵ منٽ = پوڻي چار<br>٦ لڳي ۴۵ منٽ = پوڻا ست<br>۹ لڳي ۴۵ منٽ = .........<br>۱۲ لڳي ۴۵ منٽ = ......... |

## اَڀياس

(۱) گهڙيال ۾ ڏيکاريل وقت ڏسي لکو.



مثال : ۸ لڳي ۱۵ منٽ

سوا اَٺ



ساڍا نوَ



۷ لڳي ۴۵ منٽ



پوڻا پنج



ماسترن لاءِ : شاگردن کي سوا، ساڍا، پوڻا اِهي تصوُر سمجهائي چرچا ڪريو. اُنهن کي گهڙيال ۾ ڪانٽن جي حالت ڏسي سوا، ساڍا۽ پوڻا اِهي وقت - ٻڌائي اَڀياس ڪرايو.

(٢) هيٺ ڏنل عرصي موجب پنهنجي روزمره زندگيءَ جي گهٽنا لکو.

| نمبر | ڪجھ پسند وارا پورا ٿيندڙ ڪم | ڪجھ ڏينهن ۾ پورا ٿيندڙ ڪم | ڪجھ ڪلاڪن ۾ پورا ٿيندڙ ڪم | ڪجھ منٽن ۾ پورا ٿيندڙ ڪم |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ڪلاس ۾ سبق پورو ڪرڻ | سويٽر اُڻڻ | رات ۾ سُمهڻ | روٽي کائڻ |
| ٢ | | | | |
| ٣ | | | | |
| ٤ | | | | |

(٣) هيٺ ڏنل تختي ۾ ڏنل وقت تي ٿيندڙ ڪمن جي لسٽ ٺاهيو.

| نمبر | وقت | ڪهڙي ڪم لاءِ |
|---|---|---|
| ١ | ٥ منٽ | .................... ، ................ ، ........................ |
| ٢ | ١٥ منٽ | ............... ، ............... ، ........... اِسڪول کان گهر اَچڻ لاءِ |
| ٣ | ٣٠ منٽ | .................... ، .................. ، ........................ |
| ٤ | ٦٠ منٽ | .................... ، .................. ، ........................ |

(٤) ڪلاڪ ۽ منٽ ڪانٽي جي حالت ڏسي ڪيترا منٽ وقت ٿيو آهي. اُهو لکو.

| شروعاتي وقت | پوءِ جو وقت | لڳل وقت |
|---|---|---|
|  |  | ٢٠ ................ منٽ |
|  |  | ................ منٽ |
|  |  | ................ منٽ |
|  |  | ................ منٽ |

## ڪئلينڊر

⦿ توهان جو جنم ڏينهن جنهن مهني ۾ آهي، اُن مهني جو هلندڙ سال جو ڪئلينڊر تيار ڪريو. ڪئلينڊر ڏسي هيٺ سوالن جا جواب لکو.

مهنو .......... سال .......

| آرتوار | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سومر | | | | | |
| منگل | | | | | |
| ٻڌر | | | | | |
| وسپت | | | | | |
| جمع | | | | | |
| ڇنڇر | | | | | |

(١) اِن مهني ۾ ڪيترا جمع آهن؟

.................

(٢) منگل ڪهڙي ڪهڙي تاريخ تي آهي؟

.................

(٣) اِن مهني ۾ ايندڙ ڏڻ ڪهڙا؟

.................

(٤) اِن مهني ٢٥ تاريخ ڪهڙو ڏينهن آهي؟

.................

(٥) توهان جي جنم ڏينهن جو ڪهڙو ڏينهن آهي؟

.................

(٦) ١٥ تاريخ وارو ڏينهن اَچا ڪهڙين ڪهڙين تاريخن تي آهي؟

.................

## عمر جو مزو

⦿ پنهنجي ماءُ / پيءُ سان چرچا ڪري هيٺ چوڪندن ۾ پنهنجي تِز عمر لکو.



منهنجي ماءُ

جي اَڄ جي عمر

سال ☐



منهنجي پيءُ

جي اَڄ جي عمر

سال ☐



منهنجي نانيءَ جي اَڄ

جي عمر ☐ سال آهي.

منهنجي جنم وقت نانيءَ

جي عمر ☐ سال هئي.



منهنجي نانيءَ جي اَڄ

جي عمر ☐ سال آهي.

منهنجي جنم وقت ناني

جي عمر

☐ سال هئي.



ماسترن لاءِ : شاگرد کي مهني جي ڏينهن ۽ هفتي جي ڏينهن جي چاڻ ڏيئي اُنهن کي ڪئلينڊر ڏسڻ لاءِ همٿايو شاگردن کي جتي ضروري هجي دوستن، مائٽ اِنهن جي مدد وٺڻ لاءِ چئو. ماسترن جي مدد وٺڻ لاءِ چئو. ماسترن کي شاگرد کان هلندڙ سال جي ١٢ مهنن جو ڪئلينڊر تيار ڪرائي. شاگردن کان قومي ڏڻ، پارت جا ڏڻ اِنهن جي ١ سال عرصي جو تختو، تاريخ، ڏينهن پورو ڪرڻ لاءِ چوي.



۳ سال اڳ منهنجي عمر ☐ سال هئي

منهنجي اڄ جي عمر ☐ سال آهي.

۷ سالن کان پوءِ منهنجي عمر ☐ سال ٿيندي.

◉ هيٺ ڏنل چوکنڊي ۾ تاريخ لکي تختو پورو ڪريو.

| منهنجي جنم ڏينهن جي تاريخ | منهنجي ماءُ جي جنم ڏينهن تاريخ | منهنجي پيءُ جي جنم ڏينهن تاريخ | منهنجي دوست/ساهيڙي جي جنم ڏينهن تاريخ |
|---|---|---|---|
| | | | |

## اَڀياس

(۱) هڪ گرگرين سال ۾ گهڻا مهنا آهن. اُنهن جا نالا سلسلي ۾ لکو.

---------------------------------------------------------------------------

---------------------------------------------------------------------------

(۲) هڪ سال ۾ ۳۰ ڏينهن هوندڙ گهڻا مهنا آهن؟ اُنهن جا نالا لکو.

---------------------------------------------------------------------------

---------------------------------------------------------------------------

(۳) هڪ سال ۾ ۳۱ ڏينهن هوندڙ گهڻا مهنا آهن؟ اُنهن جا نالا لکو.

---------------------------------------------------------------------------

---------------------------------------------------------------------------

(۴) هن تعليمي سال ۾ ٿيندڙ قومي ڏڻ، پارتيه ڏڻ اِنهن جي هيٺئين نموني تختو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ تيار ڪريو.

| نمبر | ڏڻ | مهنو | تاريخ | ڏينهن |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |
| | | | | |



ماسترن لاءِ : مت ماڻتن، اُنهن جي عمر حوالي اَڄ ۽ اَڳ واري عمر بابت چرچا ڪيوانِ ۾ شاگردن ڪي ماڻتن کان مدد وٺڻ لاءِ چئو.

**(۵) فيبروري ٢٠٢۴ ۽ فيبروري ٢٠٢۵ مهنا جاچيو ۽ ڪل ڏينهن لکو.**

| فيبروري ٢٠٢۴ | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آرتوار | سومر | منگل | ٻڌر | وسپت | شڪر | ڇنڇر |
| | | | | ١ | ٢ | ٣ |
| ۴ | ۵ | ٦ | ٧ | ٨ | ٩ | ١٠ |
| ١١ | ١٢ | ١٣ | ١۴ | ١۵ | ١٦ | ١٧ |
| ١٨ | ١٩ | ٢٠ | ٢١ | ٢٢ | ٢٣ | ٢۴ |
| ٢۵ | ٢٦ | ٢٧ | ٢٨ | ٢٩ | | |

فيبروري ٢٠٢۴ ۾ ڏينهن جو عدد ☐

| فيبروري ٢٠٢۵ | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آرتوار | سومر | منگل | ٻڌر | وسپت | شڪر | ڇنڇر |
| | | | | | | ١ |
| ٢ | ٣ | ۴ | ۵ | ٦ | ٧ | ٨ |
| ٩ | ١٠ | ١١ | ١٢ | ١٣ | ١۴ | ١۵ |
| ١٦ | ١٧ | ١٨ | ١٩ | ٢٠ | ٢١ | ٢٢ |
| ٢٣ | ٢۴ | ٢۵ | ٢٦ | ٢٧ | ٢٨ | |

فيبروري ٢٠٢۵ ۾ ڏينهن جو عدد ☐

**(٦) خالي چوڪنڊن ۾ ڏينهن جا نالا ۽ تاريخون لکو.**

| پريئن ← | ڪالهه ← | اڄ | → سڀاڻي | → پريئن |
|---|---|---|---|---|
| ......................<br>...................... | ......................<br>...................... | ......................<br>...................... | ......................<br>...................... | ......................<br>...................... |
| .........\......\...... | .........\......\...... | .........\......\...... | .........\......\...... | .........\......\...... |



## پروجيڪٽ

◉ روزمره زندگيءَ ۾ اَسان جا اِستعمال ٿيندڙ ڪاغذ جون شيون، پيئڻ جون شيون، دوائون وغيره اِنهن شين مٿان چپيل چاڙ پڙهو ۽ اُن چاڙ موجب هيٺ ڏنل تختو پورو ڪريو.

| نمبر | شيءِ جو نالو | ٺاهڻ جي تاريخ | واهپي جي آخري تاريخ | قيمت | وزن / گُنجائش |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | |



ماسترن لاءِ: ڪئلينڊر ذريعي جُدا جُدا ڌرمن جا ڏڻ، اُتسوَ گرهڻ، سج جو اُڀرڻ، سج جو لهڻ، تٿيون، نڪشتر وغيره چاڻ شاگردن کي ڏيو. شين جي خريدي ڪرڻ وقت اَسان اِنهن شين جي ٺهڻ جي تاريخ ۽ اُهي شيون ڪهڙي تاريخ تائين اِستعمال ڪرڻ گهرجي اُنهن لڪيل مُدن تي ڪلاس ۾ چرچا ڪرايو.

## مشغولي ڪريو.




(١) پريش اڳتي ڪهڙين عددن تي ٽپا ڏيندو، اُهو عدد لکو……………………

٠، ٣، ٦، ٩………………………………………………………………

(٢) هن هر دفعي ڪيترن ڏاڪن ۾ ٽپو ڏنو؟ ………………………

(٣) ٥ اِن عدد جي جاءِ کان اَڳتي ٣ جو ڏاڪو تيار ڪريو.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٥ | ٨ | | | | | | | | |

(٤) پريش جيڪڏهن ’ٻڙي‘ کان ٤ جي ڏاڪي ٽپا ڏي تہ سندس ٽپڻ جا ڏاڪا پورا ڪريو.




(٥) ڏنل عدد ٥ کان ملائي پريش اَڳتي ٽپا ڏئي ٿو، اُهي ٽپا عددي روپ ۾ لکو.

٥، ١٠ ____ ____ ____ ____ ____ ____ ____ ____ ____ ____ ____ ____

(٦) انيل ۽ ڪويتا ٣١ جڳهہ تي انيل ٢ ڏاڪا اڳتي ۽ ڪويتا ٢ ڏاڪا پٺتي ٽپا ڏين ٿا اُهي ڪهڙن عدد تي ٽپا ڏيندا، اُهي لکو.

____ ____ ____ ____ ____ ٣١ ____ ____ ____ ____ ____ ____ ____

(٧) الڪا هر هفتي ٦ جي ڏاڪي ٽپا ڏئي ٿي ١٨ عدد کان پوءِ الڪا ڪهڙي عدد تي ٽپو ڏيندي؟




(٨) ڪيتڪي ٦٠ عدد تي ٦ جي ڏاڪي پٺتي ٽپا ڏئي ٿي، تہ هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٦٠ | ٥٤ | ٤٨ | ٤٢ | ٣٦ | | | | | | |

ماسترن لاءِ : جُدا جُدا مثالن جي مدد سان عددن جو نقش سمجهايو. نقش جا جُدا جُدا مثال ڏيئي چٽيءَ طرح سمجهايو.



## ڪري ڏسو.

(١) هيٺ ڏنل اَڏاوت ڏسو ABC، ABB، AAB، AB اهڙي نموني هوندڙ نقش سڃاڻو ۽ اُن نموني ABC اِهي اکر واپرائي چوکنڊي ۾ لکو.

- △□ △□ △□ △□ — AB
- 123 123 123 ..................... ABC
- ○□□ ○□□ ..................... 
- △△□ △△□ △△□ ..................... 

(٢) حاضري شڪليون (□△○) واپرائِي AABB، AA، AABC، ABCC، ABBC نموني نقش پنهنجي ڪاپيءَ ۾ تيار ڪريو.

- آڪاش فرشي (ٽائيٽل) جو چتر ڏس، توکي فرشيءَ ۾ ڪهڙيون شڪليون نظر اَچن ٿيون.







شيامل مونکي فرشيءَ ۾ ٽڪنڊو، چوکنڊو، گول اِهي شڪليون نظر اَچن ٿيو.

- 



منهنجي ماءُ جي ساڙهيءَ جي باربر تي نقش ڪم

- هيٺ ڏنل نقش پوري ڪريو.



 ماسترن لاءِ : شاگردن جي ضرورت موجب دوست ماڻٽ ۾ ماستر جو سهڪار وٺي نقش جي جُدا جُدا مثلن جو اَڀياس ڪيو.

◉ هيٺين مان ڪهڙا تي آڪار ڪٽي نقش تيار ڪريو.



............................................................

............................................................

............................................................

◉ هيٺ ٽائلنگ ۾ پنهنجي پسند موجب رنگ ڀريو.



## پروجيڪٽ

مستطيل شڪل جون ڪاغذ پٽيون ڪٽو اُنهن کي موڙيو. اُنهن تي نقش ڪڍو اُنهن مان ڪي حصا ڪپيو. ڪپيل ڪاغذ پٽيون کوليو. تيار ٿيل نقش کي جاچيو تيار ڪيل نقشن کي ڪلاس جي سجاوٽ ۾ ڪم آڻيو.

## اَڀياس

(۱) نقش سجائي اَڌاوت پوري ڪريو.

◉  ............................................................

◉  ............................................................

◉  ............................................................

◉  ............................................................

◉  ............................................................

◉  ............................................................

**ماسترن لاءِ:** شاگردن کي ليڪن وسيلي تيار ٿيل نقش کي جاچڻ لاءِ چئو، اُن تي چرچا ڪرايو نقش پورا ڪرڻ جو اڀياس ڏيو. ڪاغذ کي موڙي، ڪپي نقش تيار ڪرڻ جو اَڀياس ڪرايو. حسابي پيٽيءَ ۾ جُدا جُدا جاميٽريءَ جي شڪلين جو اِستعمال ڪري شاگردن کان جُدا جُدا نقش تيار ڪرڻ جو اَڀياس ڪرايو.

## (٢) ڏنل شڪل ۽ پوءِ تيار ٿيندڙ نقش اِنهن ۾ جوڙا ملايو.

| ڏنل شڪل | تيار ٿيندڙ نقش |
|---|---|



## (٣) هيٺ ڏنل عددن جي نقش کي جاچي ڏنل اَڏاوت پوري ڪريو.

- ٢، ٥، ١٠، ١٠، ٥، ٢، ٢، ٥، ١٠ ______، ______، ______
- ٦، ٨، ١٠، ١٢، ١٤ ______، ______، ______
- ٢١، ٢٤، ٢٧، ٣٠، ٣٣ ______، ______، ______
- ١ × ١ = ١، ٢ × ٢ = ٤، ٣ × ٣ = ٩، ٤ × ٤ = ١٦، ______، ______، ______

## (٤) هيٺ ڏنل شڪلين جا نقش پورا ڪريو.

-  ......... ......... ......... .........
- #***#*** ...... ...... ...... ...... ...... ...... ......
-  ...... ...... ...... ...... ...... ..........

**ماسترن لاءِ:** شاگردن کي ٽائيلنگ جو اِستعمال ڪري، گهر ۾، اِسڪول جي آس پاس لڳل فرش ۾ ناهڻ لاءِ همٿايو.
روزمره زندگي ۾ اَهڙي قسمن جا نقش، ٽائيلنگ جي مثالن جي چرچا ڪريو.

## ڪري ڏسو.

**(١) ۵ جو ڪوڙو لکو.**

۵ جو ڪوڙو : ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........

۵ جي ڪوڙي ۾ ايڪن واري جاءِ جي انگن جو نقش سڃاڻي اَڏاوت پوري ڪريو.

۵ ٠ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........ ........

**(٢)** پرواري شڪل ۾ عددن جا گروپ آڏا، اُڀا، ٽيڙا جوڙ ڪبا تہ جواب ٣٣ اَچي ٿو اِهو نقش تيار ٿيو آهي. (۵،١١،١٧)، (۴،١١،١٨)، (١٠،١١،١٢) اَهڙي نموني ساڳيو جوڙ ايندڙ ٽن عددن جي گروپ جو نقش تيار ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آرتوار | | ٦ | ١٣ | ٢٠ | ٢٧ |
| سومر | | ٧ | ١۴ | ٢١ | ٢٨ |
| منگل | ١ | ٨ | ١۵ | ٢٢ | ٢٩ |
| پڱر | ٢ | ٩ | ١٦ | ٢٣ | ٣٠ |
| وسپت | ٣ | ١٠ | ١٧ | ٢۴ | |
| جمع | ۴ | ١١ | ١٨ | ٢۵ | |
| ڇنڇر | ۵ | ١٢ | ١٩ | ٢٦ | |

**(٣) هيٺ ڏنل ٽڪن جو اِستعمال ڪري نقش جي اَڏاوت پوري ڪريو.**



**ماسترن لاءِ :** شاگردن جا گروپ تيار ڪري شاگردن کان عدد جا ڏاڪا، ڪوڙو لکايو ۽ اُنهن ۾ نقش ڳولهي بيان ڪرڻ لاءِ چئو ٽِڪا ۽ ڪئلينڊر اِنهن جو اِستعمال ڪري دوستن، ماڻڻ جي مدد سان نقش تيار ڪرايو ۽ اِن نموني جُدا جُدا نقش تيار ڪرايو.

(۴) هيٺ ڏنل نقش پوري ڪريو اُنهن ۾ پنهنجي پسند جو رنگ ڀريو.





(۵) ڏنل رنگ واپرائي جُدا جُدا نقش تيار ڪرايو.







سمجهي وٺو.

◉ رميش راند ڪري گهر ۾ آيو تہ اُنکي ڏاڍي بُک لڳي. ٽوڪري ۾ زيتون، صوف ۽ چڪوُن هئا، ماءُ رميش کي کهڙا بہ بہ ميوا کائڻ لاءِ چيو تہ کهڙن کهڙن ميون جي جوڙي ٺاهي سگهي ٿو، اُهو لکو.



| | |
|---|---|
| صوف | زيتون |
| صوف | چڪوُن |
| زيتون | چڪوُن |

ميلاپ

سمجهي وٺو.

◉ نقش ۾ جُدا جُدا رچنا ڪيئن ڪبي آهي، اِهو آسان سمجهو هاڻي رچنا چونڊي ڪري اُنهن جو سلسلو مقرر ڪري يا ڏنل شرط موجب رچنا ڪيئن ڪجي، اِهو ڏسون. ٽن راندين مان بہ رانديون چونڊيو.






ماسترن لاءِ :- مٿي ڏنل سيني مشغولين ذريعي شاگردن کي سمجهايو ۽ هتي چونڊ آهي پر سلسلو اِن کي ترڪيب (Combination) چئبو آهي.

ڏنل ٽن راندين مان ڪھڙيون ٻہ رانديون شاگرد چونڊي سگھندا اِن راندين جا جوڙا ٺاھيو.

| | | |
|---|---|---|
| ............ | ............ | ............ |
| ............ | ............ | ............ |

مٿي راندين ۾ جيڪڏھن ڪبڏي راند بہ ڏنل ھجي ھا تہ راندين مان ٢ رانديون ڪيترن قسمن ۾ چونڊي سگھبيون؟ اُنھن جا جوڙا توھان پنھنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.

## اَڀياس

(١) ھيٺ چئن رنگن جا بلب ڏنل آھن اُنھن مان ڪھڙا ٻہ ٻن رنگن جا بلب توھانکي پنھنجي ڪمري ۾ لڳائڻا آھن توھان ڪيتري قسمن جي چونڊ ڪندا اُھي جوڙيون لکو.




........................، ........................
........................، ........................
........................، ........................

(٢) پاسي ۾ ڏنل پنجن گُلن مان ڪھڙا ٻہ گُل کڻي گُلدستو تيار ڪريو. اھڙي قسم جا گھڻا گُلدستا تيار ٿي سگھندا؟ اِھو پنھنجي ڪاپيءَ ۾ ڪري ڏيکاريو.




## مٽ سٽ

**سمجھي وٺو.**

- اَسان ڏنل شين جي جُدا جُدا نموني چونڊي جوڙيون ڪيئن ٺاھڻ اِھو سمجھي ھاڻي اَسان اِنھن شين جي اَڏاوت خاص قسم جي سلسلي ۾ ڏنل شرط موجب ڪيئن ڪندا سين اِھو ڏسو.



**چرچا ڪريو.**

(١) مٿي ھرھڪ تورڻ تيار ڪرڻ ۾ گھٽڻ قسمن جون شڪليون ڪم آندل آھن؟ ☐

(٢) جُدا جُدا نموني ٿي شڪليون واپرائي اِن کان سواءِ ٻي ڪا رچنا ڪري سگھجي ٿي ڇا؟ ويچار ڪريو ۽ دوستن سان ڳالھ ٻولھ ڪريو.

ماسترن لاءِ :- مٿي ڏنل سيني مشغولين ذريعي شاگردن کي سمجھايو تہ ھتي ڏنل سلسلو اَھم آھي. شين جي اَڏاوت ڪرڻ مھل جي سلسلو بدلائجي ٿو تہ جُدا جُدا رچنا/اَڏاوت تيار ٿيندي اِن کي (Permutation) چئبو آھي.

## اَڀياس

(١) هيٺ ڏنل بال ڪٻٽ ۾ قطارون ۾ جُدا جُدا سلسلي (هڪ قطار) ۾ رکو. بالن لاءِ ڏنل اکرن جو اِستعمال ڪريو.






(٢) مينا ياترا ۾ ڳاڙهو، پيلو ۽ سائو اِنهن ٽن رنگن جا ڦوڪڻا خريد ڪيا اِهي ڦوڪڻا هڪ قطار خريد ڪيا. اِهي ڦوڪڻا هڪ قطار ۾ گهٽن قسمن ۾ رکي سگهجن ٿا. (ڳاڙهي ڦوڪڻي لاءِ R، پيلي ڦوڪڻي لاءِ Y ۽ سائي ڦوڪڻي لاءِ G اِنهن اکرن جو اِستعمال ڪريو.

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

(٣) جادوگر کي سندس پيٽيءَ ۾ شيون سلامت رکڻ لاءِ پيٽيءَ مٿان ٽي انگ هڪ دفعو واپرائي پيٽيءَ کي کُلف مطلب پاس ورڊ تيار ڪرڻو اهي تہ هو گهٽن قسمن جا پاس ورڊ تيار ڪري سگهندو؟ اُهو لکو.






نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي ٺيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، ته توهان چُپ ڪري نه ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو پاڻ کي ڏوهه نه ڏيو.
٢. اُن کي ٻُڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.
٣. توهان نئشنل ڪميشن فارپروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻُڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،
توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهه نَٿا ڪري سگهو
توهانکي ”خراب“ نه لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هي بَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا مُنجهيل
يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار.............
فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهه نمبر سُٺا هوندا آهن!
اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!

CHILD LINE 1098 NIGHT & DAY

چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فرِي
ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن
چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان
(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهِي آهي.

نئين سماج ڏانهن
Towards a new dawn



مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي-۴۱۱۰۰۴

₹ 88.00

गणित इयत्ता तिसरी (सिंधी माध्यम)